# خوابن جي پنڌ ۾

(شاعري)



## وشال امير

SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

توسان گڏ رهڻ جون، امن جون آشتيءَ جون
آسون تہ ڪيئي ٻيون پيي، خوابن جي پنڌ ۾

# خوابن جي پنڌ ۾

(شاعري)

## وشال امير

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

**ڪتاب نمبر 00**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ**

**ڪتاب جو نالو:** خوابن جي پنڌ ۾
**موضوع:** شاعري
**شاعر:** وشال امير
**ايڊيشن:** پهريون
**سال:** 2017ع
**ڇپيندڙ:** سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**مُلهه: 200 روپيا**

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**
پنائي ڪتاب گهر حيدرآباد،. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا :

سونهن جي نالي
جيڪا ڪنهن بہ مذهب،
ٻولي،رنگ ، نسل
يا ملڪي سرحدن جي محتاج ناهي
پر جيڪا خدا جي هُجڻ جي حسين شاهد آهي
جنهنجا ڪيئي روپ آهن
جنهن جي هرهڪ روپ نرالي تي موهجي
مون پئي آ اتساهہ ورتو
جيون جو آ بار سنيو.

۽ پڻ
سائين سڪندر علي شاه جي نالي
جنهن ڊي جي، پي آءِ ڊي ڪراچي جي منصب تي رهندي
منهنجو آفيسر هوندي بہ هميشہ مونکي
نندو ڀاءُ ڄاڻي منهنجي رهنمائي ۽ همت افزائي ڪئي آهي.

وشال امير
03113183018

## اداري پاران:

سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ پاڻ پتوڙڻ جو جذبو جتي ڪنهن به تخليقڪار لاءِ تخليقي اڏار کي تقويت بخشي ٿو اتي سندس سجاڳ ۽ جذباتي ايار ڪان به واقف ٿيڻ بنهه آسان بڻجي ٿو. وشال امير پڻ انهن خوشنصيب سرجڻهارن مان هڪ آهي، جيڪي نثر توڙي نظم ۾ پاڻ ملهائي حالتن پٽاندر پنهنجي قلم کي جنبش ۾ آڻي پنهنجي حصي جو ڪم نهايت سچائي سان بي خوف ٿي ڪندا رهيا آهن. گذريل ٽن ڏهاڪن کان وشال اميرجون لکڻيون مسلسل پڙهندڙن جي نظرن مان گذرنديون رهيون آهن. وشال جي قلم مان سرجندڙ لکڻين ۾ وڏي خوبي اها به ملندي ته هو روايتي تاجي پيٺي ڪان هٽي پنهنجي منفرد انداز سان اندر جي اپتار ڪي پنن تي پٽارڻ جو فن بخوبي ڄاڻي ٿو، خاص طور ڪالم يا مضمون نگاري تي ته مڪمل دسترس حاصل اٿس، هو پنهنجي احساساتي ڪيفيتن کي سڌي يا اڻ سڌي طرح ڪنهن به حريف يا حليف جي دل ۾ گهر به ڪري ويهندو ته اهڙو زرودار جهٽڪو به محسوس ڪرائيندو جو سامهون پڙهندڙ ڪجهه دير لاءِ ٻوڪلائجي يا حيرت جو بت بڻجڻ تي مجبور ضرور ٿيندو.

وشال امير جي شاعري ۾ پڻ تشبهن، استعارن ۽ ڪناين جو استعمال حساس دلين جو آواز محسوس ٿئي ٿو. سندس شاعري ۾ فڪري پختگي، رومانتڪ منظر نگاري ۽ معاشرتي پيچ ڊاهه جا عڪس اڪثر جهلڪندي نظر ايندا. حقيقي ۽ افسانوي رنگن ۾ رچيل رچنائون سندس شخصيت ۽ سياءَ جو آئينو پسائين ٿيون. زندگيءَ جي تلخ پيچرن تي هلندي به منهن تي مرڪ سجائي هلندڙ وشال جون تخليقي ۽ تعميري

ڪاوشن ڪان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي، پاڻ طويل ادبي ۽ صحافتي سفرسميت سرڪاري ڪامورڪيءَ جي چانو ۾ رهندي بہ اصولون پٽاندڙ پنهنجن ارادن ۾ اٽل ۽ ڪميٽڊ رهڻ جي خوبين/خامين سان مالا مال آهي، وشال امير جي اڳ شايع ٿيل ٽن ڪتابن جن مان بہ شعري مجموعا " نشانا چپن جا" ۽ "ريشم جهڙا خواب" سميت سندس ڪالمن جي ڪتاب " يادون ۽ عڪس" ڪانپوءَ هي چوٿون ڪتاب " خوابن جي پنڌ ۾" پڻ ساڳي محبتي مايا جا موهہ نظر ايندا، جن کي پڙهندي پڙهندڙ کي محسوساتي عمل سان همڪنار ٿيڻو پوي ٿو.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**

مهاڳ

# مينهن جون شيتل ڪڻيون

ڪوڙين سال گذري ويا آهن، ادب ۾ اٿبو ويهبو هُيو، شاعريءَ سان شامون ڪٽبيون هيون.ڪتابن جا ڪبٽ ٻانهون کولي پاڪرن ۾ پرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا هيا، ڪوڙ ساترو پڙهبو هيو ۽ ڪوڙ ساترو لکبو هيو..... ساڏيلي جي سامهون "پرين گهاٽ" تي اديب دوستن جا ميڙاڪا متل هوندا هيا... هر غزل، هر نظم تي واهه واهه جا هوڪرا پئجي ويندا هيا... دوستن جا غزل انهن کان وٺي ڊائريءَ تي اتاري وٺبا هيا...... ۽ هفتن تائين اهڙين محفلن جو سرور ذهن جي زبان تي جليبيءَ جيان مناڻ ڏيندو رهندو هيو.

پوءِ هيئن ٿيو..... جو هوريان هوريان دوست مصروف ٿيندا ويا. موبائيل فونون اچي ويون، اسمارٽ فونن هر هٿ کي سجائڻ شروع ڪيو، پر دل جو ان باڪس وري آباد نہ ٿيو...... سپ ٿڙي پکڙجي وياسين.

پر ! هڪڙو دوست اهڙو هيو..... جيئن جُونِ جي اُساٽ گرميءَ ۾ ٿاريءَ جي گهاٽي ڇانو ۾ ٿڌو ڪو کوهہ هوندو آهي. اهڙو ئي آهي اهو دوست جنهن ڪڏهن بہ ناتو نہ ڇنو، هن هميشہ محسوس ڪرايو تہ هُو اسان کان باخبر آهي. وشال امير .... ويڪري منهن تي مرڪندڙ ٻہ ڇپن ۾ شيشي جي اکياڙين پويان ذهانت وچان گهوريندڙ وشال امير ڪمپيوٽر جيان هن جي ڇهري تي ......! جڏهن بہ ملبو آهي جڻ تہ رنگين سلائيڊيون ..... پيون هلنديون آهن. گهٽ ڇهرا ايترا جاندار لڳندا آهن ۽ گهٽ اکين ۾ ايترا خواب هوندا آهن جو شاعريءَ جو "خوابن جي پنڌ ۾" ڪتاب رچي وڃهن.

ڪولاب جيئل خيرپور پرسان هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي ۽ اتان جيڪي ماڻهو اربنائيز ڪري شهرن ڏي شفٽ ٿيا آهن انهن ۾ وشال امير به آهي. وشال جو اصل نج سنڌي نالو امير بخش ابڙو آهي پر ڪيس هرڪوئي وشال آکيندو آهي. وشال سان ملاقات ڪوڙ ساترا سال اڳ ۾ ٿي هئي. خيرپور ۾ هڪ هوٽل تي ادب نواز دوستن سان ڪچهري هلي رهي هئي ته مظهر ابڙو هڪ Ten age نوجوان سان گڏ اتي پهتو ۽ ان نوجوان جي دوستن سان امير بخش ابڙو جي نالي سان واقفيت ڪرايائين. اهو سنهڙو ۽ سيبتو نوجوان پوءِ لاڳيتو مختلف ڪچهرين ۾ ملندو رهيو ۽ "وشال امير" جي نالي سان رسالن ۾ شاعري به لکڻ شروع ڪيائين... هوريان هوريان خيرپور ۽ سکر جي ادبي ميڙاڪن ۾ پنهنجي هجڻ جو زوردار احساس ڏيارڻ لڳو، تان جو مون محسوس ڪيو" اهو امير بخش مڪمل طور وشال امير جي روپ سروپ ۾ جلد ئي ڍلجي ويندو".... پر هُو اوچتو منظر تان غائب ٿي ويو، جيئن فوٽو شاپ تي گروپ مان هڪ تصوير غائب ڪري ڇڏجي....

هڪ دفعي عزيز ڪتاب گهر سکر تي حسب عادت ڪتابن ، رسالن جي خوشبوءِ سنگهي آنند وٺي رهيا هئاسين ته "نئين زندگي" رسالو رنگين ٽائيٽل سان نظر آيو، رسالي جو گيٽ اپ ايترو ته سهڻو هيو جو سمورا چار رسالا خريد ڪيم. مون حيران ٿي ڏٺو ته نئين زندگي رسالي جي ايڊيٽر طور وشال امير جو نالو لکيل هيو. رسالي جي خوبصورتي ۽ اندروني مواد جي بهترين چونڊ ۽ ترتيب ڏسي من ڏاڍو خوش ٿيو. مونکي لڳو مولانا عبدالواحد سنڌي ڪانپوءِ مس مس نئين زندگيءَ کي هڪ سنو ۽ ذميوار ايڊيٽر نصيب ٿيو آهي. نئين زندگي رسالو نئين آب تاب

سان شايع ٿيندو رهيو، پر جلد ئي رسالي جي ڇپائي بند ٿي وئي . معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته وشال امير رسالي جي ايڊيٽرشپ ڇڏي ريجنل آفيس پي آءِ ڊي لاڙڪاڻو بدلي ٿي آيو آهي.

وشال امير.... امير بخش چنيءَ جي نالي سان ممتاز علي ابڙو جي گهر 2 آڪٽوبر 1973ع ڪولاب جيئل ۾ جنميو. پيءُ پاران ٻي شادي ڪري ڪين ڇڏي هليو وڃڻ ڪارڻ وشال امير جي پالنا ۾ هن جي امڙ جو ميجر ليول جو ڪردار رهيو آهي، ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ نسواني نرمي ۽ ڪوملتا اوهان کي هر سٽ ۾ ملندي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڪندڙ وشال امير جا هن ڪان اڳ ۾ ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن:

نشانا ڇپن جا (شاعري) 2005ع نيوٽنڪرس فورم حيدرآباد. ريشم جهڙا خواب (شاعري) 2009ع راول پبليڪيشن خيرپور. يادون ۽ عڪس (ڪالم) 2009ع واڪا پبليڪيشن ڪراچي ۽ هي شاعريءَ جو چوٿون ڪتاب "خوابن جي پنڌ ۾" هن مهل اوهان جي ريشمي آڱرين ۾ نظر اچي رهيو آهي. شاعريءَ جو هي ڪتاب پڙهندي اوهان کي هر صفحي تي هڪڙو اهڙو شعر اِوش ملندو جيڪو اوهان جي ذهن ۽ دل کي Tuch ڪندو.

پيار رتبو ته اميراڻو آ
جُهڪاءُ پوءِ به فقيراڻو آ
مان ڏسان توکي رڳو، تون رڳو مونکي ڏسين
ڪاش! تون منهنجي فقط، منهنجي فقط، منهنجي هُجين
بي ترتيبي هي هتائي جيڪر
منهنجو جيون به ڪو ناهي جيڪر

ڪــري ڪـــو چـــنـــڊ لــئــہ انــگـــل مـــونــســـان
ڏيـــانـــس ڪُـــل تـــارا پـــي لاهـــي جـــيـــڪـــر
تـــون چُـــپ تـــي رهـــيـــن ، مـــان بـــہ چُـــپ تـــو رهـــان
دل ٻــري تـــي پـــئـــي جـــڻ اُمـــاڙي مـــنـــي

مان شاعريءَ سان عشق ڪندو آهيان۽ من ۾ هميشہ اهو سوداءُ هوندو آهي تہ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جي بهترين ڪان بهترين شاعري پڙهان، ۽ ان تلاش ۾ مان جڏهن بہ خيرپور ۾" گوگل سرچ" هڻندو آهيان تہ ڪوڙ ساترن نالن ۾ وشال امير بہ شاعريءَ جي باغيچي ۾ هڪ ڪنڊ وٽ پلٽي هٽي وينل نظر ايندو آهي. Lities جي سفيد گلن وچ ۾ هن جو ڪنڊ مٿر ۽ دلنواز خوشبوءِ سان واسيل محسوس ٿيندو آهي. شاعريءَ جي دلفريب جهان ۾ هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائي آهي. وشال امير جي شاعري منهنجي نظر ۾ هن جو پيار جو پورهيو آهي. مونکي نٿو سونهين تہ مان بحر وزن يا ڇند جي +2 عينڪ پائي شاعريءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪيان. محبت ۾، محبت لاءِ ۽ محبوب هٿان سان لکيل شاعري پاڻ ئي پاڻ ذهن جي خاموش تلاءَ تي ڪلڪ ڪري ترورا پيدا ڪندي آهي. مان وشال امير جي شاعريءَ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ ۾ جهانڪڻ بجاءِ هن جي Verses تي ئي فوڪس ڪيان ٿو، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن سڄڻ کي لڳي تہ مان One side لکيو آهي تہ ان جو خير آهي. جيئن سرائڪي ۾ چوندا آهن :

تسي لنگھ جائو، سادي خير اي

شاعريءَ جي پهرئين پني تي هي جيڪو شعر آهي ان ۾ ڪيتري تہ چڪ آهي:

يـــار رتـــبـــو تـــہ امـــيـــراڻـــو آ

جُهڪاءُ پوءِ به فقيراڻو آ

يا جيئن

پاڻ کي مونکان پري هڪ دَمُ نه ڪر
زندگي منهنجي مني چهلم نه ڪر

ان شعر کي جيڪڏهن سڄي ڪتاب جو روح چئجي ته غلط نه ٿيندو. هتي چهلم لفظ جو استعمال ڇرڪائي وجهي ٿو.

تنهنجي ساروڻين سهارو پي
دل جي تر لئه مينهن ڪٽيون آهن

گلن شبنم جيان مهڪين، بهارون ياڳ تو ٻڻجن
هجي جنت تولئه ذرتي ۾ خوشيون ماڳ تو ٻڻجن

هن شعر پڙهڻ ڪانپوءِ مونکي محسوس ٿيو ته هن شاعري ڪتاب جي قيمت ٻيڻ تي نکري وئي آهي

منهنجي جوانيءَ جو رنگ چاندي ٿيو
تنهنجو جانان جمال ساڳيو آ

۽ هن شعر پڙهڻ سان جيڪو ما حول ذهن ۾ اچي ٿواهو خيرپور جي ماحول سان چاهه رکندڙ ماڻهن لاءِ بنهه نئون نه آهي.

تنهنجو آواز مدُر ساز، ڪوئل جي ڪُوڪُو،
مندر جو گهنڊُ وڄي، جڻ پئي آذان اچي

.... ۽ دوستو! اوهان جيئن جيئن پنا ورائيندا ويندا ڪونه ڪو شعر، ڪانءَ ڪا ست جان مان سيئاندا ڪڍي ڇڏيندي.

شاعري هڪ ذميواري آهي ۽ وشال امير پنهنجي پر ۾ اها ذميواري سهڻي نموني نڀائي آهي. پنهنجي جذبن جي اظهار ۾ هن ڪٿي به جملن ۽ احساسن جي پيچ ڏاهه نه ڪئي آهي، هن جيئن محسوس ڪيو آهي تيئن ئي لکي ڇڏيو آهي. شاعري

جي ٽن ڪتابن ۽ ڪالمن جي هڪ ڪتاب جو سرجڻهار وشال امير اجان به اڳتي وڃڻو آهي. منهنجو خيال آهي ته تصوراتي ڪائنات ڏانهن ويندڙ شاعريءَ جي هيءَڏاکڻ جيڪا ڏاڍي سهڻي آهي، ڏاڍي دلفريب آهي، پر ان تي مٿاهينءَ جو سفر ڏاڍو اٽانگو آهي ۽ وشال امير ان ڏاکڻ تي پير رکي هڪ منزل سر ڪري ورتي آهي.

اوپري دنيا جي چنريءَ، گلن ۽ ميون تي شاعري سرجڻ بجاءِ وشال امير سنڌ ماتا جي اکن ۾ ٻرن ، ٻرن تي وڏيڪ لکيو آهي.... مان پُرامید نويد ڏيان ٿو ته وشال امير جي شاعريءَ کي جڏهن به ڪو عوامي مزاج وارو سنگر (راڳي) مليو ته اُن مان اُٺ ڪتابن جا پڙهيل ادبي پروفيسر ته مزو وٺندائي وٺندا، پر اهو ٻڪرار ، ريڊار به وٺندو جيڪو ڪنهن ٿاريءَ هيٺان ويهي چنگ يا بوڙيندي تي هن جي ڪا ڏن ڳائيندي نظر ايندو.

۽ ها دوستو! وشال امير جي جهڙي طرح سان غزلن ۾ گوناگون منظر ۽ تغزل جا جهلڪا اوهان محسوس ڪندئو. ساڳئي ريت سندس نظمن ۾ به هڪ سيبتي ورائتي چٽي چانداڻ جيان اوهان کي ملندي. يونان جي سيفو ۽ ان جي سهيلي بلائيٽر کان وٺي اڄ جي ارجنٽائيني شاعره ماريا ايزفونا تائين عالمي نظم هڪ ساهه سيبائيندڙ سفر ڪيو آهي ۽ ان سفر ۾ سنڌيءَ جي شاعرن ڪاميابي سان پاڻ نشانبر ڪري ڏيکاريو آهي. شيخ اياز کان وٺي اسد عباسيءَ تائين سنڌي نظم ڪٿي به پنهنجو سر جهڪايو ناهي، ائين ئي وشال امير جا هن ڪتاب ۾ ڏنل نظم به پنهنجي الڳ ۽ نويڪلي سونهن رکن ٿا. ممڪن آهي چند پڙهندڙن کي وشال امير جي نظمن جي ٻولي اڳري ۽ اڻ نهڪندڙ لڳي پر منهنجو خيال آهي ته سنڌي نظم ۾

ڪمال جي وسعت ۽ پنهنجو پڻ موجود آهي ۽ اهو هر لفظ کي پنهنجي سٽاءَ ۾ بهترين جاءِ ڏئي سگهي ٿو. مان ته ان خيال جو به آهيان ته هڪ گاريلي لفظ لکيا ڪي به نظم ۾ جاءِ ملي ويندي آهي. هونئن به نظم عام وهنوار واري زندگيءَ مان ڪنيل شاعراڻا ٽڪرا/منظر هوندا آهن ۽ اسان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ جن لفظن جو انٽيميٽ استعمال ڪريون ٿا انهن کي نظمن ۾ به جاءِ ڏيڻ گهرجي.

وشال اسير جي سنڌي نظم جي سونهن ان جي سئولي ۽ ڳوناٽي ٻولي آهي، جتي سٽ سٽ ۾ ڪو لفظ اوچتو اوهان جي اکڙين جي پنبڙين کي جهٽ پل لاءِ حيران ڪري ڇڏي ٿو.

مثال جي طور تي ڪوڙ ساترا اهڙا حوالا ڏئي سگهجن ٿا جن ۾ وشال امير جي نظم جو چڙواڳ درياءُ پڙهندڙن کي ٻوڙي هليو وڃي ٿو، جيئن نظمن ۾ روشني، ماتم، نيڻ، خوش ڪيئن رکان، سهارو بي سهارن جو وغيره ۾ هڪ ڇيڳلي رواني ۽ ڪنوار کي لڳل ڪنڙو ٻوٽي جهڙو واس حواسن کي نشا ڏئي ڇڏي ٿو.

دوستو! اوهان کي هي ڪتاب ڪڏهن به منهنجي تحرير وچان ناهيل چشمي وچان نه پڙهڻ کپي پر هي ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ صرف ايترو ئي ٻڌائجو ته مان جيڪو هي ڪجهه لکيو آهي ڇا اوهان به اهي منظر محسوس ڪيا آهن ۽ انهن مان ايتري ئي انسپائريشن ورتي آهي جيتري مون ورتي آهي؟

حبيب ساجد/ سکر
03003131860

پنهنجي پاران

# توبنا مان ڪجهه به ناهيان (اقرارنامو)

ها مان توبنا ڪجهه به ناهيان.

جيسيتائين شعور جي اک حسن جي پوڄاري بڻجي توسان نينهن جو ناتو نه ڳنڍيو هو، تيسيتائين منهنجو وجود بي معنيٰ هُيو ۽ مان ڪجهه به نه هئم.

۽ ها جيڪڏهن تون منهنجي جيون ۾ پاڇولو بڻجي نه اچين ها تڏهن ته يقينن مان ڪجهه به نه هجان ها ۽ ڪجهه به نه هجڻ جي صورت ۾ مان گمنامين جي اونداهي غار ۾ غرق ٿي ، بي مقصد زندگي گهاري قبر پيڙو ٿي چڪو هجان ها.

تون مونکي گمنامين جي اونداهي غار مان ٻاهر آڻي مونکي هڪ نئين سڃاڻ بخشي آهي، انلاءِ مان سمجهان ٿو توسان منهنجي محبت جي شروعات منهنجو نئون جنم آهي.

مون توکي دل جي سچاين سان چاهيو آهي، منهنجي لڪڻين جو محور به تون آهين ته منهنجي جيئڻ جو مقصد به تون آهين.

تون چوندي آهين، مان شاعر آهيان، سونهن پرست آهيان، پيار پوڄاري آهيان. مجيان ٿو تون سچ ٿي چئين منهنجي آڏو سونهن جو هڪ وڏو سنسار موجود آهي جنهن ۾ سوين حسين

چوڪريون، پوپٽ رنگن، چنڊ جي چانڊوڪي ۽ ٻين هزارين سونهن نظارن جي سونهن کي گهٽائيندي ۽ شرمائيندي نظرجن ٿيون، ۽ اهي حسينائون منهنجي نيڻن ۾ نينهن جو نشو ٻه اوتينديون رهنديون آهن، پر يقين ڄاڻ ته انهن سمورين حسينائن جي سونهن ۽ هن سنسار جي سموري سندرتا جو حقيقي محور مون آڏو بس هڪ تون ئي آهين.

مون پيار جو واپار ڪڏهن ٻه نه ڪيو آهي، مون جسمن مان سواد ماڻڻ لاءِ ڪڏهن ٻه ناهي سوچيو، مان ته رڳو پيار کي مقدس عبادت سمجهي ، سونهن کي سجدا ڪندو رهيو آهيان، ۽ منهنجي خيال ۾ پيار ته هڪ عبادت آهي، جنهن ۾ مڪمل پاڪائي آهي ته پوءِ مان ڪوئي گناهه ته نٿو ڪريان؟، ها مان پيار پوڄاري ضرور آهيان پر مان گناهگار ناهيان نه تنهنجي آڏو نه ئي وري ڪائنات جي خلقڻهار خداءِ ذوالجلال آڏو.

سوچيان ٿو! جڏهن مان ڪو گناهه ٻه نه ڪري رهيو آهيان ته پوءِ ٻه آخر هي ڀوڳنا جي سزا ڇو پيو ڀوڳيان؟منهنجي وجود کي ويراڳن جا ڏينهن آخر ڇو ڏنگيندا رهيا آهن ازل کان وٺي؟ جو منهنجو وجود ڏکي رهيو آهي.

يادگيرين جي هڙ جون ڳنڍيون اڪثر پاڻ ئي پاڻ ڇُڙي پونديون آهن، بالجتيءَ ۾ يتيمي ..... ڏڪا ٿابا ...... پراون درن تان ٻه ڌڳڙيون مانيءَ، الله جي نالي تي ..... پتڪڙن ڪلهن تي ڇولن ڀريل ٿالهه جو بار ..... هوڪا ..... گاسليٽي شيشيءَ ۾ وٽ وجهي ، بتي ٻاري اسڪول جو گهرو ڪم ڪرڻ ، پڙهڻ ، .........آوازن جي گونج ....... اسان جو احسان اٿس ..... ڪيئن ٻه ماني ته مليس ٿي کائڻ لاءِ ....... اهو سڌرندو؟ اهڙي اميد ڪونهي ....... پٽهس وري کهڙو سڌريو آ جو هي سڌرندو.

نفرتن جي نہ وسامندڙ باھ ۾ وجود جھڙوڪر پچرڻ لڳندو آهي، محسوس ٿيندو آهي جهڙوڪر نڙيءَ ۾ ڪو آتش فشان اچي اٽڪي پيو هجي يا ڪنڊائين ٻير جو ڍنگهر اچي نڙيءَ ۾ ڦاٿو هُجي. سماج جو ڪوڙھ ورتل چهرو التيون ڏيارڻ لڳندو آهي، چوڌس ناانصافيون گندن نالن تي اڇلايل ٻي ساها معصوم جسم، نوٽن تي خريدارن جي ور چرهندڙ جسم، پنندڙ پوڙهيون، جوان ۽ معصوم نينگريون ...... رشوت جي گرم بازار، تذليل جي عتاب ۾ ايندڙ ناريون ۽ ٻيون بہ اهڙيون گهٽيون ڪريناڪ ناانصافيون جن تي وجود ۾ وڍ پوڻ لڳن، قلم جو سهارو وٺڻ جو سبب بڻجنديون رهيون آهن.

قلم جي ڇانو ۾ پناھ وٺڻ دوران رڃ جي اساٽ ڪان بچڻ لاءِ پل ڪن لاءِ ساهي تہ پتجي ٿي وجي پر پوڳنا جو سفر ختم هرگز ناهي ٿيو، نفرتن جا الاءَ جيڪي اياڳ بڻجي منهنجي وجود ڪي وٽ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي ويا آهن، اهي پلا ڪٽي ٿا جان ڇڏي وڃن؟! زندگي جو امتحان ۽ پوڳنا جو سفر اڃا جاري آ ۽ لکڻ جو سفر بہ اڃا جاري رهندو.

سچ تہ هي لکڻ جو ڏانءُ بہ تنهنجي ئي محبت ۽ سونهن جو ڪمال آهي، ورنہ تہ مان ڪجھ بہ نہ هيم ۽ ڪجھ بہ نہ هجان ها. مان رڳو تنهنجي محبت ۽ سونهن جي ڪري آهيان ۽ ها لکڻ جي حوالي سان هڪ ڳالھ اها بہ واضح ڪندو هلان تہ ٻين شاعرن جي پيٽ ۾ مان ڪجھ الڳ ئي آهيان، مان خيالن کي فاعلاتن فاعلاتن يا چند واري قند ۾ هرويرو بہ لازمي قيد ڪرڻ جو قائل هرگز ناهيان. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ پلا ڪٽي ڪنهن خيال کي آزاد اڏامڻ ڏجي ٿو تہ ان ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ ۽ چو پلا ڪنهن خيال جا پَرَ ڪٽي ان جي آزاد ۽ وڏي اڏام کي

روڪڻ وارو ظلم ڪجي؟

نہ گھٽ ۾ گھٽ مونکان اهڙو ڪم ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيو آهي، ۽ مون هميشہ پنهنجي خيالن کي انهن جي وسعت آڏار اڏامڻ لاءِ ڇڏي ڏنو آهي. پلي منهنجي ان سوچ سان ڪوئي سهمت نہ ٿئي ، جيڪڏهن وقت جا اڪابر ۽ تنقيدنگار منهنجي هن ڳالھ تي برهم ٿين ٿا ۽ منهنجي لکڻين تي ڪين ڪي اعتراض آهن تہ اهي پڻ آزاد آهن جيڪڏهن مون مٿان تنقيد جا تير اڇلائڻ چاهين تہ پلي اڇلائين. مونکي ڪنهن بہ وڏي اديب، شاعر ۽ تنقيدنگار پاران سٺي شاعر هجڻ وارو سرٽيفڪيٽ نہ گهرجي، اهڙو ڪوبہ سرٽيفڪيٽ منهنجي ڪنهن بہ ڪم جو ناهي، اهڙو سرٽيفڪيٽ مونکي هن ڪوڙھ ورتل سماج جي ڪريناڪين ڪان پناھ نٿو ڏئي سگھي ۽ نہ ئي منهنجي حصي ۾ لکيل نفرتن جي باھ کي ٿڌو ڪري سگھي ٿو.

ها باقي هڪ ڳالھ آهي تہ پڙهندڙن اڳيان منهنجو هي پورهيو قبول پوي ٿو تہ پوءِ يقينن مان ڀاڳوند آهيان.

وشال امير

خيرپور ميرن واري

03113183018

نہ ئي ڪنھن پريءَ ۾ نہ ڪنھن سانوريءَ جو، نہ ڪنھن دل ۾ريءَ جوبڻياسين خُوابُ
ڪوئي گُلُ نہ ٿياسين،نہ شبنم چُميُو ڪنھن، سندم رهيُو جيون سدائين سراب

نہ تون ملائين نہ دل هُنسان منهنجي رلائين ها مولا، ملائي وري نہ وڇڙائين ها مولا
بهارُن جي موسم خزان منجهہ آ بدلي، وري روڳ رُت آ وڇوڙن عذابُ

چُمي تو چپن کي رهان رُوح ۾ تو، اهي آس پوپٽ اُڏامڻ کان اڳ ئي
وڇوڙو جهٽي ويو، مُني منهنجو مُقدرُ لکڻ واري لکيو اصل کان خرابُ

آيوپيار مونڏي پُليو ڪنھن ڪکر جيان، ڪري چانوَ پل جي هٽي ويو ڏُورُ
تُنهنجو ڏُلفُ ياڳن وارو آ ڪيڏو؟! سندس ياڳُ بڻيو اڇي هڪُ گلابُ

متان ايئن سمجهين! تہ تون مونکان وسري وئي آهين توکي نتو ياد ڪيان
اڙي! دل هي شاعر جي جيسين آ جيئري، تنهجي نانءَ جوئي پيو وڄندو ربابُ

مُني مان مرڻ تائين تنهنجوئي رهندُم، تولئہ سوچيندُم ۽ تولئہ ئي جيئندُم
قيامت ۾ توکي ئي گُهرندُم مان رب کان، نہ گُهرجيم ستر حورُن جو حسابُ.

***

پيار رتبو تہ اميراڻو آ
جُھڪاءُ پوءِ بہ فقيراڻو آ

هوءَ مومل آ منهنجي سا پڪ آ
پيو نہ هُن جو بہ ڪوئي راڻو آ

ڳوٺ جي رات سو ٿڌو سيارو
ڪتي ڪو شهر ۾ ٽانڊاڻو آ

منهنجي پر ۾ پئي رُليو آهي
منهنجو پاڇو بہ ڏس ويڳاڻو آ

امير شهر جا هَنِ رهواسي
هتي ايمان سڀ جو ناڻو آ

هڪ حسينا ڏسي چيو مونڏي
هيءُ چريو موڳو ڳوٺاڻو آ

تون رُسين تي وشال هي دنيا
مونلئہ بڻجي ويندي تہ گهاٽو آ

❊❊❊

جي تون چاهين منهنجي سانئڻ وڇڙڻ کَڏِ مون کان
ڪوبہ بهانو ٺاهڻ بدران، ظاهر زهر ڏجان

تنهنجي چاهت مان آ مونکي هيءُ انعام مليو
برف وسي تي الزامن جي پيو تو آءُ پڄان

منهنجي پريميڪا ! بس مونلئہ تون ئي اهم آهين
منهنجي حصي لئہ جنت ۾ تون ئي حُور تڄان

سرد سيارو برف جيان آ، ڪوهيڙو شبنم
پر جي ٿورو مُنهن تون موڙين ٻڙجي ميڻ رجان

***

اجڙيل سنڌ جو ڏسندي چوڏس، منظر تو جيءُ جهوري
تانُ ستيُن جو، ساڏوءَ وارو مندر تو جيءُ جهوري

ٿر جا ماٺهو پاٽيءَ جي لئہ سڪندا ها ، پيا سڪن ٿا
سرسبزارو ڪندبر تيو آ ، ڪندبر تو جيءُ جهوري

بکر، سيوهڻ، قمبر ـــ ڪوٽ ۾ سنڌ جو پئرس اُجڙيو
جان جيڪب جو شهر اداس آ، ننگر تو جيءُ جهوري

ڪيمپ جي آڏو وينل وينگس، سپنن لاش تي ڳولهي
ڪيڏا سپنا لهرن لوڙهيا، اندر تو جيءُ جهوري

ڏونگر بڇڙا،ننگ ڏڪايا، يا رب! ٻاجهہ ٻہ ڪر تون
ماروئڙن تيا مارا پنهنجا، سنگهر تو جيءُ جهوري

ڪالهہ ڪلاچي جا پنهنجي هُئي، اڄ تي ڏور ڏڪي
مانگر ساڳيا، مورڙو ناهي، بندر تو جيءُ جهوري

سُهڻين جا ارمان ۾ ڪيئي ميهر سنڌوءَ ٻوڙيا
ڪُلُ ورستيون ويڳاڻيون، المنظر تو جيءُ جهوري

***

ڪيل پنهنجو وعدو پلائي نہ ڇڏجان
ڪڏهن غير مونکي بڻائي نہ ڇڏجان

اتم تو سهارو نتم ٻيو ڪنارو
ٻريل ڏيئو ٻيڙيءَ وسائي نہ ڇڏجان

مني تون ملي آن تہ ماڪي لڳي تي
زهر زندگيءَ ۾ ملائي نہ ڇڏجان

وڇوڙي جي طوفان ڪان هارجي تون
اُميدن جا ڏيئا اُجهائي نہ ڇڏجان

اُتيل فاصلا اچ گهٽائڻ لئہ سوچيون
سڪي فاصلا ٻيا وڌائي نہ ڇڏجان

مان وشال تولئہ لڪان گيت جيڪي
چپن سان چُمڻ ٻنِ وڃائي نہ ڇڏجان

***

## اجايا خفا

نڪا ٽئڪس چوري نہ آف شور آ
اسان ڪير جا آهيون ڌوتل صفا
توهان شاهہ محمود قيري نہ سگهندئو
توهانجون سڀ آڇون اجايا خفا

***

## وري دوسو نچندو

ڪيئي سرڪسي جو مداري ڪتا ٿيا
تڏهن ڪاوڙيل شينهن پڇ نيٺ لوڏيو
وري هاڻي نوان ڪرتب ڪي ٿيندا
وري دوسو نچندو، ٿيندو ڪوئي ڪوڏيو

***

## ڪلور ڪهڙو آ؟!!

گريڊن ڪان مٿي آهي نوازش جو عمل سائين!
سڄي ٿي سنڌ پوءِ پيليئون، پلا ڪلور ڪهڙو آ؟
آهي لطيف يونيوورسٽي! تہ شاهن جو ئي حق ٿيندو
اسان پنهنجا نوازيئون ٿا، توهانکي سور ڪهڙو آ؟

***

موتيو، گل گلابي، شبنم تون آهين
پنهنجو پاڻ کي سچ! اجايو پئي ٿاهين

آهين حور جنت جي ڪا، آهين پري
تون نہ مگر ڄاڻين ٿي سائڻ ! تون چاهين

منهنجي مون ٻڌجي تون وئي آهين منڙي
منهنجي ساھ کان هرگز ڏور تہ تون ناهين

ڇڏ زماني کي - پيو وات هي هٽندو آ !
اجايو ڪنهن سان ڇو پئي سينو ٿي ساهين

پلي تہ ڪر انڪار، نهڪر ۾ ڇاهي؟
مگر سچ اهو آ مونکي پئي چاهين

***

مان ڏسان توکي رڳو، تون رڳو مونکي ڏسين
ڪاش! تون منهنجي فقط، منهنجي فقط، منهنجي هُجين

تون جتان گذرين، تنهنجي راهن ۾ پيا موتيا ٽڙن
جهوليءَ خوشيون پيون رقص ڪن، ۽ تون مني پيئي ڪلين

تنهنجي خيالن جي سحر ۾ ، مان تو سدا ئين گم رهان
تون منهنجي سوچن آڳنڌ تي خوب تي ٽلندي رهين

ڪاش! جو هي گيت منهنجا، تنهنجي چپڙن ڪي چمن
پوءِ حياتيءَ ۾ مونسان تون، جي ملين نه پل ملين

ها فقط منهنجي حياتيءَ جي اها ئي آس آهي
تون رهين پئي مهربان ۽ رنج نه ڪڏهين ٿئين

***

## موت لامارا !!

هوڏانهن ننگر، منيءَ ۾ ڏئي پيو تو موت لامارا
هيڏانهن سرڪار سڳوريءَ وٽ روزانو پڪر تا ڪسجن
جتي وسڪي جو وسڪارو ۽ گهنگهرن جا هجن چمڪا
اُتي ڪمرن تڏن ۾ ڪيئن۔ اوسارا مائرن پڏجن ؟!!!

***

## پنهنجي ڪئي اڙي تہ پوءِ.....!

ڌاريا پلي ذليل ڪن، ڪُچبو نہ ڪو ڪڏهن اڪر،
پنهنجي ڪئي اڙي تہ پوءِ، ان لئہ صفا الگ چڪر
بندوقون تاڻبيون ڪٽي، زمين ڪجهہ جريب لئہ
پلي ملي پوءِ موت ۾ ، قبر جي لئہ رڳو تڪر

***

## حقيقت ۾ جاهل.....!

برابر هي سنڌي تہ صدين ڪنان
موالي، ملنگ آهن ڌاڙيل ذليل
هنن بيوقوفن امر مونکي ڪيو
حقيقت ۾ آهيان مان جاهل جليل

***

بي ترتيبي هي هتائي جيڪر
منهنجو جيون بہ ڪو ناهي جيڪر

مان تہ هرڪنهنڪي پيو چاهيان ٿو
مونکي بہ ڪوئي تہ چاهي جيڪر

ڪري ڪو چنڊ لئہ انگل مونسان
ڏيانس ڪُل تارا ٻيي لاهي جيڪر

فصُلُ چُمين جو آ پڪل بيٺو
منهنجي چپن تان ڪو ڳاهي جيڪر

مان تہ ها ! واجب القتل آهيان
مونتي ڪاوڙ جي ڪو باهي جيڪر

پيار ڪان چاجي لئہ لنوائين ٿي؟
ناهي ثواب تہ ؟ چاهي جيڪر

***

پيار ۾ مان بہ آهيان اناڙي منتي
پيار ۾ تون بہ آهين لجاڙي منتي

تون چُپ تي رهين ، مان بہ چُپ تو رهان
دل ٻري تي پئي جڻ اُماڙي منتي

آئون راتي جي ان، روز پنتڪڻ اچان
تنهنجو نيٽن شهر، ڪاڪ ماڙي منتي

منهنجي چاهت جي پيتا ٻين سان نہ ڪر
چاهہ منهنجو نہ آهي لٻاڙي منتي

تون مان آدم حوا جو هون ساڳيو جنم
اڄ فرق! ناهي جنت اُگهاڙي منتي

***

پاڻ کي مونکان پري هڪ دَمُ نہ ڪر
زندگي منھنجي مٿي ڇھلم نہ ڪر

پيار جي ويريءَ جو پاسو نہ وَٺُ
تون رُسي مونکان ، سندس سنگم نہ ڪر

دشمنن کي کِلَڻَ جو موقعو نہ ڏي
رنجشون وچ ۾ رکي ماتم نہ ڪر

سئو زخم مون ۾ سھڻ جي سھپ آ
ڇا بہ تي پئي! تون اکيون پُرنم نہ ڪر

مان آھيان وشال ڪوئي گل ناھيان
تون پنھنجا ڳوڙھا مٿي شبنم نہ ڪر

***

ڪيڏيون نہ نفرتون لُٽيون آهن
اسان پئي محبتون اُٽيون آهن

تنهنجي ساروٽين سهارو پيو
دل جي تر لئہ مينهن ڪٽيون آهن

سادگيءَ تنهنجيءَ جو اثر آهي
شهري نہ ڇوڪريون وٽيون آهن

درد وڇڙڻ جو چاٽڻ چاهين ٿي؟
مڪليون من ۾ سئو بٽيون آهن

تنهنجا فوٽو، ڪتاب مون وٽ ڏس
سانديون نشانيون اڻ ڳٽيون آهن

ڏار توڪان پوءِ ڪيئن مان جيئندم؟
گل پتيون هي جيئن ڇٽيون آهن

***

## استاد نان ڪيڊر....!

هِنن جا ٻچا هِتِ ٻُڪن ۾ مرن ٿا
ست طعام ڏوندين اسان وارا ليڊر
سندن لئه آف شور ڪو ڏوهه ناهي
اضافي ۾ ڏوهي استاد نان ڪيڊر

***

## تڏين تي خوش آهيان....!

بابو، پائر نه ڳالهائن ته ڪائي ڳالهه ناهي
مان دوستن کان ملندڙ تڏين تي خوش آهيان
پلي گهر پينگ پنهنجو آ، عزت شهر ۾ ناهي
ٻاهر ٿو خان سڏايان ، مڱين تي خوش آهيان

***

## جنم ڏينهن مبارڪ....!

جنم ڏينهن توکي مبارڪ ياءُ طارق
سوين روز خوشيون شل ماڻين پيو
اسان پي نه ظاهر ڪيون ٿا هي راز
عمر تُنهنجي ڇاهي؟ تون ڄاڻين پيو

***

گلن شبنم جيان مهڪين، بهارون پاڳ تو بڻجن
هجي جنت تولئہ ذرتي ۾ خوشيون ماڳ تو بڻجن

سدائين نيڻ جادوگر، تنهنجا ڪِلندا رهن سانئڻ
چپن تي مرڪون پوپٽ جان اچي سياڳ تو بڻجن

ستارا سونهن جا ساڪي ۾ هيرون هاڪ هاٺيون هَنِ
غزل، وايون،ستون منهنجون هي ڪارڻ راڳ تو بڻجن

مچيان ٿو سمنڊ چوليون ٿو هٽي تنهنجي اندر جانان
رهن محبت جا رنگ قائم نہ نفرت آڳ تو بڻجن

منهنجي منڙي دعا آهي "خدا شل هيءَ اگهائيندو"
وجان وسري توکان، منهنجون نہ يادون داڳ تو بڻجن

***

منهنجي جوانيءَ جو رنگ چاندي ٿيو
تنهنجو جانان! جمال ساڳيو آ

ڪالهه به آئون تولئه تڙپيو هئم
اڄ به منهنجو ته حال ساڳيو آ

مون سنڀالي رکي نشاني تنهنجي
سنڌ نقشو، رومال ساڳيو آ

تون آن سُهڻي، ميهار تنهنجو مان
ڏم وچ ۾ مثال ساڳيو آ

پل ته مونکي وساري تون ڇڏجان
تنهنجو رهندو وشال ساڳيو آ

***

ڏُورُ تـوکـان کـٽـي هـلـيـو وڃـبـو
سُکي پن جيان ڇڻي هليو وڃبو

تون جي ايڏي مونکان تنگ آهين
دير ناهي گهٽي! هليو وڃبو

پـيـار ڏيـبـو ۽ بس ڏيـبـو رهـبـو
کنهن نہ کنهن کي وٽي هليو وڃبو

کنهن تہ مونکي بہ چيو ڪاريهر
اُڇلي جيون مٽي هليو وڃبو

شـاعـري روپ ۾ چـريـو ايـنـٽـر
پنهنجو نالو اُٽي هليو وڃبو

***

چا رکيو آ نفرتن تڪرار ۾ ؟!
بهشت بڻجي پئي ٿي ڌرتي پيار ۾

مون چيس چپڙن سان اچ تہ اُج اُجهاءِ
هُن چڪي چپ، ڪنڌ هنيو انڪار ۾

دل ٿئي منهنجي نہ هنجو ڏوهہ هُيو
مان ئي لائق نہ هُيِم ڪنهن جي پيار ۾

فرشتا هن ماڻهو ڪل هن شهر جا
مان پليت آهيان رڳو سنسار ۾

تنهنجي قسمت جو توکي ناهي پتو!
ڦند ڪوڙ و جوڳي تنهنجي ڊار ۾

ڪين سچو آهين پنهنجي جوڳ سان
تون اجايو آن رُليو گرنار ۾

***

پرکجي ڳولهي قولهي هي ڪائنات
سونهن ساري آ سيني اُيار ۾

توڙي شيطانيون هزارين روز ڪن
فرشتن صورت آ پويي بار ۾

لاش رت ۾ ليتڙيو پيو آهه ۽
درد گونجي تو پوڙهي پُڪار ۾

ذات منهنجي آ نه مورن پَرَ جهڙي
مان ته سادو آهيان هر پرڪار ۾

***

## منافقتون نہ پالجن....!

دشـمـنـي يـا دوسـتـي سـڌي ڪـجـي
پـيـار تـوڙي نـفـرتـون ظـاهـر ھُـجـن
پـل ايـمـانـي يـا شـيـطـانـي تـيـجـي
مـنـافـقـتـون دل انـدر نــہ پـالـجـن

***

## سچ اُچلي ٿو اُلاءُ....!

عـورتـون ، ٻـارڙا، پـوڙھـا مـرن گـرمـيءَ وڳـھـي
دوزخ سـنـدو آڏيـڪ ڏرتـي، سـچ اُچـلـي تـو اُلاءُ
بـنـد بـجـلـي، پـاٿـي ڪـوٽ، نـاھـي عـلاج غـريـب لـئـہ
مـاٺـھـپـو لـجـي آھـي، ڳـولـھـيـو نـتـو لـيـي ڪـھـڪـاءُ

***

## انسان ناهين، آن جانور ڪتو....!

مـڙھـي نـيـاٽـيـن تـي الـزام چـوريءَ سـنـدو
تـو آ تـذلـيـل ڪـئـي ، تـن جـو ڪُـوڙي مـتـو
او ظـالـم ،او جـابـر! تـون چـاچـو ڪـتـان؟
سـچ تـہ انـسـان نـاهـيـن ، آن جـانـور ڪـتـو !

***

ناڪام پيار جو نصاب نہ ڪر
مونکي بي ذوق ڪو ڪتاب نہ ڪر

سونهن ڪائنات تي وٺي توکان
پاڻ کي ٿاهي ماهتاب نہ ڪر

تون تہ پهريون ئي آن پوڄڻ جهڙي
قيد وارن ۾ ڪو گلاب نہ ڪر

پرتِ تنهنجي سندو آهيان پينار
منهنجي عيبن جو تون حساب نہ ڪر

قيد دل ۾ ڪرين تہ بهتر آ !
ڏڪاري ڊوندي جيان خراب نہ ڪر

برسندي رهہ مٿان مون شبنم ٿي
ايئن وچڙڻ جهڙو عذاب نہ ڪر

***

منـي بـانهـن ربـن اوڙهـي، چـپـن جـا چـنـڊ چـار ٿـاهـيـون
سـتـارا آسـمـان تـان اچ پـنـهـنـجـي بـارات لـئـه لاهـيـون

حياتـي ٿـوهـر جـيان هُـئـي، ملڻ تُـنهـنجـي کـان اڳ جـانـان
اُنـي تـون مـاڪ وانـگـي آن ، گـلابـي گـل بـڻـيـا آهـيـون

اجـان پـي يـاد سـو آهـي! هـا تـنـهـنـجـو فـون تـي مـرڪـڻ
هُيو شبنم سندو لهجو ۽ خـوشبـو خـوشبـو سـپ سـاهـيـون

عـجـب هَـڻ شـهـر جـا مـاڻـهـو،عـجـب تـن جـو مـزاج آهـي
محبت اشتهاري ڪـن، انـهـن سـمـجـهـي سـگـهـيـا نـاهـيـون

خـزان جـون زرد شـالـون ڪُـلُ وٽـن اوڙهـي چـڏيـون آهـن
مـلـي وچ نـيـڻ هـن تـڪـيـا، وشـال آرام پـيـا چـاهـيـون.

❊❊❊

تنهنجو آواز مڌر ساز، ڪوئل جي ڪُوڪُو،
مندر جو گهنڊُ وڄي، جڻ پئي آذان اچي.

تُنهنجي نيڻن جا نشانا پڪا نشاني تي،
چُٽين جنهن دل تي اُها دل پلا تي ڪيئن بچي.

پيارُ آ رُوپُ خُدا جو ۽ خُدا آ مُحبت،
ڪنهين نہ بُت ۾ تي چٽنگ پيار جي ڪا مچي.

سُٽين جي تُنهنجي دل جو درُ بہ کڙڪندو هُوندو،
اُتي احساسُ ڪر تي ميزبانُ ماٺهوءَ سچي.

خُدا کان آئون پنان تُنهنجي لاءِ تو خوشيون،
اگهي دُعا منهنجي، حياتي تُنهنجي پيار رچي.

❊❊❊

اسان پيي ڪنهن ڪي ڪاش وڻجئون شل!
ڪنهن حسينا جو خُوابُ بنجئون شل.!

ڪوئي چنڊ جيان اسان کي پيي چاهي،
ڪنهنجي وارن ۾ گُلُ تي هڻجئون شل!

ٻُڪُ دُعائن لئہ ڪو جهلي بيهي،
چُمجي چپڙن مان سندس چڻجئون شل!

ڪا تہ سُهڻي ملي ميهر تيئجي!
راڻو مُومل تي نانءُ ڪڻجئون شل!

ڪنهنجي چپڙن سُرخي، ڳلن لالي!
نرڙ بنديا يا ڪجل سڻجئون شل!

نياءُ توسان تئي شل سنڌڙي!
پيار پتنگا هُون نانءُ ڳڻجئون شل!

***

## امڙ آس وندي

نندي ٻارڙي وئي جواني پُڄي
مگر کين ڪنهن ڪان ڳولهيندي لڌي
هي شازيہ بہ رخشاڻي يا آهي سرڪي؟
امڙ آس وندي ڪي ڳڻتي وڏي

***

## ڊاڙي نڪائي

وٺڻ نائم آئي دردن علاج
ويتر تي معذور، اندو هو ويچ
هي ڪامورا، وُزراءَ ڊاڙي نڪائي
کين تيندس انصاف،مولىٰ تون پيچ

***

## معاهدو

اڇو هڪڙو نئون معاهدو ڪيئون ٿا
ميثاق جمهوريت تي پورا بيهئون ٿا
هر پرمٽ جو مولانا حقدار آهي
صدارت جو عهدو پ پ کي ڏيئون ٿا

***

پري ڪين هرگز ڏڪاريو پرين
گهڙي پلُ تہ پر ۾ ويهاريو پرين

عجبُ ڪيڏو دلڪش نظارو هُيو
گُلن پئي گُلن ڏي نهاريو پرين

ملي ڪونہ شبنم بُسي آهيان
هوا گيت چئي بسي جهونگاريو پرين

جواني آ سڏني، پر واريءَ مثل
ائين هيءَ جواني نہ هاريو پرين

منهنجي دل اُجاڙيل ڪو کنڊرُ هُئي
اُميدُن ڏيو تو آ ٻاريو پرين

***

يــتــائــيءَ بــيــت تــون آهــيــن، تــنــبــوري ساز تــون آهــيــن
ســمــوري ســنــڌ جــي صُــورت ۽ آواز تــون آهــيــن

ســراپــا آهــيــن ســيــرت ۾، ســراپــا ســونــهــن ۾ آهــيــن
مــتــي آهــيــن تــون مــاڪــيءَ ڪــان، مــتــو انــداز تــون آهــيــن

ڪُلئي هي سونهن جون ديويون تنهنجي در جون آهن داسيون
سڀئي ئي سونهن جو جانان! پهريون آغاز تون آهين

مُنهنجي دل ڪي ڪبوتر جيان ورتو جهٽ ۾ جهپي تو آ
تُنهنجي نيڻن ۾ جُنبش آ لڳي شهباز تون آهين

ملي آهين مُقدر ۾ ڪيڏو خوش تو رهان اڄڪلهه
مهربان ذات تي آهي انهيءَ جو راز تون آهين.

***

اُداس تون نہ ٿي مٺي! هي پرجي گهاءُ تو ويندو
نئون محبوب جو تُنهنجو گهٽي محبت توکي ڏيندو

منهنجو من آ مندرُ، ديول، جنهن ۾ هر بُتُ رکيلُ تُنهنجو
تُنهنجو چڻُ ناءُ ڪجندو آ گهندڻ آواز آ ايندو

اڙي ! مهمان سان ليکا ڪيا ناهن مون پريميڪا!
مٿي مُقدسُ پيرن ڏيندڙنءَ تنهنجو احسان هي ٿيندو

هُيو روهيڙو گُل شبنم سندس آ ياڳُ نڪرايو
هيڏانهُون گُل چپر لتڙي حياتيءَ کي وڃائيندو

ڏُلف تُنهنجي هٿان هاريم مونکي ارمانُ ڪونهي ڪو
تنهنجي آڏو منهنجي منڙي ٿيندو ڪافر جو جيتيندو

مڃيان ٿو مون بہ توکي چاهيو ابليس بڻجي پوءِ!
ڪٿي آدم حوا جهڙو اسان جو ياڳُ هي ٿيندو؟!!

***

خوابن ڪشتيءَ تاڪ ٽُٽا ۽ ڦٽڪيو هر ارمانُ
تنهنجو وڇڙڻ مون دل لئه آ سُونامي طوفانُ

هڪڙي مُرڪ تي هرڪي پنهنجون خُشيون سڀُ ڪپايم!
ماٺهو ڏين ٿا روز مون مهڻا "آهين تون نادانُ".

مون ته ڪئي بس پيار عبادت جيون ڀر جي ڪمائي
آهيان جڻ مان عشق جو راهب،عشق منهنجو ڀڳوانُ

او جامشورا! شاعر ندورا وڇڙي توکي پٽين
ڪيئن وساريان ڀر مان موڳوا تنهنجو هڪُ احسانُ

هُوءَ نه جاڻ ته ڪاٿي آهي مونکي وساري ويٺي؟!
هُنجون يادون مونلئه بڻجن پل پل ۾ مهمانُ

شال سدائين مُرڪون ماڻين تيليءَ تنُ نه ڏسين
منهنجي سنڌڙي! مندو تنهنجو ڪونه ٿئي انسانُ

مان ڪوجهو پليتُ آهيان! ڪيئن ڪو پيارُ ڏئيم؟!
مسجد سارو شهرُ آهي ۽ پاڪُ آ هر انسانُ

مونکي وسارڻ تولئه سانئڻ ڪونه ڪو مشڪل ٿيندو!
تون ڀي نفرت دل ۾ پوکجان مڙهي مونتي بُهتانُ

***

## انصاف ڪهڙو؟

ڪري دانهن ڪوئي نا انصافي تي آ
ڳالهائي ٿو رڏن ۽ ٻڪرين سان جهڙو
گُهري نوڪري هِڪُ، سَوَنِ ڪان پوءِ ڪسجي
اڙي منصفو! هيءُ انصاف ڪهڙو؟

❊❊❊

## نئون ڊرامون

نئون هي آ ڊرامون، نئين فيس ونبي
شناخت اسانجي جي تصديق ٿيندي
سي افغاني، شامي تہ هُوندا ٿنن ۾
پنهنجي ديس واسين جي تذليل ٿيندي

❊❊❊

## ڪن ڪوليو

دعويدار انصاف جا ڪن تہ ڪوليو
اڪيون پنهنجو چالاءِ ٻوٽي رکو ٿا
هتائي ملازم نندا ڏند نہ ٿيڙيو
اصل ڪرپٽ ماڻهو نہ پڪڙي سگهو ٿا

❊❊❊

رُڃَ جو ڪو سراب ٿيو پيو آهيان
جڻ هي جيون عذاب پيو ڳيان تو

درد جو ساز تي ويو آهيان
رڳون تيون هِنِ رباب پيو ڳيان تو

ڪنهن نہ مونکي ڪولي آ پڙهيو
جڻ هان بيڪار باب پيو ڳيان تو

دعا پي چپ منهنجا ڪونہ چُهِيا
آهيان ماڻهو خراب پيو ڳيان تو

زندگي ! توکي بس هاڻي تڏجي
تنهنجو ڪوڙو شراب پيو ڳيان تو

خواهشن گونج پي سڙي ويا سپ
خواب پڄريا ڪباب پيو ڳيان تو

دل ۾ بت ها سوين پوڄاري مان
مون نہ پرکيو شباب پيو ڳيان تو.

***

بسنتي رُتِ جي نظارن وانگي،
ساٿ تنهنجو آ قرارن وانگي

دل ۾ خُشيون اڏام پوپٽ جي
مونڏي آئي آن بهارن وانگي

ياڳ منهنجا نکير منهنجي مني
ڳچي ويڙهي ٻانهون هارن وانگي

اڄ تہ هاڻي ملي جيئون سائڻ!
ٻنهي ڇپڙن جي ڪنارن وانگي

جهول بستر سُڪون جي ساعت
رات ڪاري تنهنجي وارن وانگي

مونکي گُھرجين تہ فقط تون ئي بس
ضد منهنجو آ هي ٻارن وانگي

هٽين تہ سيني ۾ خنجر هٽجان
دوکو ڏيجان نہ غدارن وانگي

پهريان جذبا الئہ ڪاڏي ڪيئي؟
سرد ڇو آن هاڻي پارن وانگي؟'

يا خدا ! مونکي سدائين رکجان
سادڙو منهنجي ڪجهہ يارن وانگي

***

پيار ئي منهنجو دين ڌرم آ، ڪرت بہ سونهن پرستي
مان سچل جو پوئلڳ تيان شل! سمجهان هي سرمستي

مسلڪ ڪنهن کي ڪين تو چاڻان، ڪن پِيُم حق جو هوڪو
ڪيم سنڌ پوڄا، ماڻهوءَ محبت، سچوءَ ڪئي سرپرستي.

جنت، دوزخ دلبو، دڙڪو، مون نہ سگهيو ڊيڄاري
منهنجي من ۾ پيار پلي تو، عشق تہ حق پرستي

سچل سائين! ديس تنهنجي تي، دهشت ديرو جمايو
"جاڳُ -پتائيءَ جاڳائي اچ"، روز سڏي پئي وستي

ڪونہ ليي تو دودو، دولهہ، مخدوم بلاول، هوشو
ڪارنهن، جهيڙن ڪر ڪنيا هِتِ، ڪيڏي حيات تي سستي

ساجهہ وند بہ ڪجهہ ڌرتيءَ جا، پاڻ وڪاڻا تي ويا
ڪرسيءَ، نوڪريءَ خاطر ڪئي تن گروي پنهنجي ستي

***

## واپڊا

سڙي ٽرانسفارمر، ڪِري بل تي ائٽم
عذابن ۾ ميٽر جو مالڪ ويچارو!
ڪُنڌي چور ساٿي، آهي ساڏ دشمن
سڄو واپڊا جو آهي منهن ئي ڪارو

***

## نامرد

ڪري پڙهيو عورت ۽ گهر کي هلائي
ويهي ڪائيندڙ ڇو مرد پوءِ سڏائي؟
وڏي روز سگريٽ، مانيءَ لئہ گهر ۾
اهڙو نامرد پيو تہ مردن لڄائي.

***

## تبديلي

ڇوڻ لاءِ تبديلي ايندي ضرور
هاڻي ڪاغذي شينهن ٽُڪرا ٿيندو
نئين نهندي پارٽي، نوان لڳندا نعرا
مگر ڪوئي ملت کي فائدو نہ ڏيندو

***

پيار جذبات نتي مون لئہ کي
شديد نفرتون ئي ارپي ڏي

دل ۾ تنهنجي رهان کافي آ
ماس مايا نتي مونکي گهرجي

آنءُ تنهنجو تيان! منهنجي دعا"
خدا اگهائي بنا کنهن سجدي

سونهن جي ديوي بختور آهين
نيڻ تولاءِ سرجن سپنا کي

حنا جا عکس اکين ۾ آهن
چپر آلا بہ يکو شبنم تي

پيار سمند ٻوڙي يا تاري
ٻوڙي ان ۾ اچي تُڙگياسي

زندگي نفرتن ۾ گذري آ
کوئي تہ تورڙو چاهي مونکي.

***

حياتي هيءَ سبي ها ملي نہ سانوري ڪائي
ملي هت جا بہ حسينا اُڏيڙي دل آ سا وئي

مان پوپٽن جيان اُڏريم اگر ڪنهن گل جي طرف
طوفان نفرتون جاڳيون، طعنن گجگوڙ آ ڪئي

۾ منهنجي پيار جا سپ رنگ رهيا ڏنڌلا ڏنڌلا بس
نہ ڪا تصوير آ جُڙي ڪيڏا پيي بُرج ها ڏئي

مون عُمر ساري خدا ڪي نہ پل ڪو سجدو آ ڪيو
مگر جا سونهن تئين خلقي نمي عبادت تنهن ڪئي.

***

هوءَ خيالن جي ڏاڍي پرهيزگار هُئي
پر عملن ۾ پنهنجي تہ بدڪار هُئي

هن مردن کي جهپٽيو پوپٽ جيان
اڪ هُن جي فريبي سهٽو چار هئي

فون مان هنجا سُڏڪا اچان تا ٻُرن
وڏ مهارت رني، ڪيڏي فنڪار هئي

ڳوٺ پنهنجو ڇڏيو، هن هو ڊپ ڪنان
ڳوٺ ساري ۾ هن لاءِ انڌڪار هئي

هوءَ هنجي حياتيءَ جو سوڳند هئي
پر نہ هنتي ڪندي ڪو اعتبار هئي

پنهنجي ماءُ جي لاڏلي هوءَ ڪڪي
ور جي محبت ڪان ڪندي انڪار هئي.

***

## نمڪ

اوهان جي نمڪ سُجاڻو تاءِ ذرتي ماءُ جاڻو تا
سنڌا ان جا ڪرڻ واريون صفا ڳالهيون ڇڏي ڏيو پو
اسان سنڌ جي ورهاست تي صفا راضي نہ ٿيندا سين
هتي جي خوش توهان ناهيو وجي ڳولهيو وطن بيو ڪو.

***

## دعا !

اگهائج هي عرض منهنجو موليٰ
رهي سات سچ ساڻ قائم سدا
ٿيان ڪين ڪُوڙو فريبي ڪڏهن
ٿئي ياڳ خوشي منهنجي دعا!

***

## اخلاق

بلاول جا اخلاق توڪين جيڪي
اُهي پاڻ گڻ هر ڪان خالي صفا
سندن سوچ، ڪردار ڪان قوم واقف
تہ شُرفاءَ پردن پٺيان سي لُچا.

***

## سچل جو روح تڙپي ٿو

هي جنت جي دلاسي تي،
ٿين خودڪش پيا حملا
ڪٿي مسجد، ڪوئي مندر
چرچ ڪوئي محفوظ ناهي
امام بارگاه ، اسڪولن جون ديوارون ڍنل آهن
شهر جون ساريون گهٽيون ۽
ڪُلئي بازارون مُرجهايل
فضا آ سوڳ ۾ ورتل
ٽڙيا پکڙيا پيا آهن
هي چوڏس ماس جا ٽڪڙا ،
گهرن ديوارون ۽ رستا
ڌرتي رت رنگي ويئي آ
بمن سان ديس ڍهڪي ٿو
امُنُ سنڌ مان اُڏامي ويو
ٻري پيو مُلڪُ سارو آ

ٻري ٿو ڌرتيءَ جو گولو
فلسطين، شام هُجي برما
مرن ٿا بيگناهہ ماڻهو
ٿي دنيا ماتمي آهي
پٽائيءَ روح ٿو روئي
سچل لرزي ويو آهي
سچل جو روح تڙپي ٿو.

۾ عاليشان ڪنهن بنگلي
يا گاڏيءَ ڪنهن اچي آڏو
ڪو ٻالڪ يا ٻڍي ڪائي
ٽنگي پنهنجو هٿ بيهي ٿي
ڪٿي ڪنهن ڪارخاني مان،
ڌونهون ٿي خواب وڪرن ٿا
ڪنهن پورهيت جي جهڳي جي چلهہ ،
ٻري ويلو سگهي ناهي
سمهيا هن ٻار بکيارا
سڄي ئي رات ڪنجهيا ريا.
ڪنهن هوٽل عاليشان آڏو
ڪچري جي ڍڳن، ڍيرن تي
توا ُچلايو وڃي ڪاڏو
اندر ٿيون چيرون ڪئي چمڪن
پر دل ۾ سسڪيون سُڏڪن

وئي نيلام تي عصمت،
خريديون ويون جوانيون كئي
شرابي بوتلون ڇُلكن،
نوان كئي نوٽ تا مُركن
كٿي كوئي نظام ناهي
سيئي قانون جا پنجوڙ بس آهن غريبن لئه
اميرن جي درن تي هي كُلئي قانون ركوالا
كنهن پوڙهيءَ رنڊيءَ جيان بينا
حكم جي عدولي ۾ هن
"غريبن لئه ذلالت جون كٽي هتكڙيون هتن ۾"
غريب جائو چڱو ناهي
غريب مئو چڱو ناهي
جيئي تو زرد جسمن سان
مري بي كفن لاشو تي
ڏسي هي ظلمتن نقشو
سچل جڻ آهي لرزي ويو
سچل جو روح تڙپي تو.

سچل جو روح ڇو تڙپي
ڀلا دنيا جي دردن تي ؟
سچل جو سنڌ سواءِ بيو كنهن
خطي يا ملڪ سان چاهي؟
سچل جو روح تڙپي تو

رڳو ان لاءِ جو چريا!
سچل آ هفت زبان شاعر
سچل سنڌ جو رڳو ناهي
سچل آفاقي شاعر آ
سچل ڌرتيءَ جي گولي جو
آ ڌرتي سچل جي ساري
جي ڌرتيءَ تي اُوندھ ڪاري
اچي ڪا ڪُنڊ پڪڙي تي
سچل جو روح تڙپي ٿو
ميارون اسان کي ڏئي ٿو
ٻُڌو اي سنڌ جا شاعرو!
توهان ٻوليءَ لئہ ٻاڪاريو
امن هوليءَ لئہ ٻاڪاريو
حقيقت سچ لئہ جهونگاريو
سڄي ڌرتي توهان جي آ
امن پيغامبر آهيو
سڄي ڌرتيءَ جو گولي تي
توهان نشانبر آهيو
امن پيغامبر آهيو
امن پيغامبر آهيو.

❊❊❊

## منصف !

عباسي، پنهور توڙي مسلم، عرب
رهيا آهن انصاف علامت سدا
تيو شال عارف خلجيءَ جيان
نئين دور جا ڪلئي منصف ادا
( جسٽس عقيل عباسي، صلاح الدين پنهور، امير هاني مسلم، فيصل عرب)

***

## مهانگائي

رڳو انگ اکرن جي هيراڦيري آ
عوامي مفادن جي ڪا ڳالهه ڇونهي؟
ملازم، هي مزدور رهندا اهڙا ئي
مهانگائي آڏو ڪو ٻنجو ئي ڪونهي!

## ابليس

اجهو آيو رمضان، مهانگائي وارو طوفانُ ڳُهلندو
هڪ ابليس ٻڌبو، آزاد هزارين ٻيا شيطان ٿيندا
ڪندا چور چوريون ۽ پوليس ڦُريندي چيڪنگ بهاني
ڪي ذخيره اندوز پنهنجي نموني ٻيا ماٺهو لُٽيندا.

***

## ٻُڌين ها

ورُ ڏاڏي جيڏو بابا مونکي نہ ڏئين ها
واپار ڪندي منهنجو نالي ۾ ٻُڌين ها
ڏند تيڙيندي هن جج ۾ تورو تہ خيال ڪر
ان ڪان تہ هُيو بهتر ڪنهن کوٽي ويهين ها

***

## سچل ايوارڊ

هُئي جا ڪالهہ گڏجاڻي، چيائون تنهن ۾ ڊي سي کي
اسان جو يار لائق آ، سچل ايوارڊ ان کي ڏيو
وٺو هي نالا حتمي هَنِ، ڏڙي هر زور آ لاتو
اهڙي آ قابليت ڏسندي سچل جو روح تڙپي پيو

***

## اپ گريڊ

هڪڙا ملازم تہ ٿيا اپ گريڊ
آ اعلان نرالو هي سرڪار ڪيو
مگر جيڪي رهيا سي سوچڻ پيا
ساڳئي ڏيهہ ۾ ويري ورتاءُ ڇو؟

***

# مونکان ڏار نہ ٿيجانءِ

منهنجي سائڻ !
منهنجي جانان!
حياتي منهنجي تون ئي آهين
منهنجي دل جا چارئي خانا
تنهنجي فوٽن سجيل آهن
تون ئي آهين سونهن جي راڻي
تون ئي آن مون پيار جي ديوي
مان هان تنهنجو پوڄاري سائڻ!
مان توکان ڪجھ نہ گهران ٿو
فقط پيرن مٿي پنهنجي جُتي چُميل مونکي ڏي تون
انهيءَ مٿي چپڻيءَ ڪي مان
اکين لائي چُمي وٺندم
سنڀالي رکندم

پونئرن چوندم
منهنجي مرڻ پڇاڻان مٿي
منهنجي قبر ۾ مونسان پُورن
منهنجي عبادت پوري ٿيندي
قبر مونکي ميار نہ ڏيندي.
منهنجي سائڻ!
منهنجي ٻي ڪا خواهش ناهي
شل اها ئي آس ٿئي پوري
خوشين پوپٽ هرپل اُڏري
تنهنجي جهوليءَ منجهہ پون
تون جا آهين سونهن جي راڻي
حسن تنهنجي جي هيءَ ڪلي
گل ٿي مهڪي، مرجهائجي نہ
۽ ڪاميابيءَ ڀاڳ جي ديوي
بنجي داسي تنهنجي در جي
تنهنجي پيرن منجهہ جهُڪي
ڪڏهن بہ نہ مٿي اُٿي
تنهنجو ڪڙم قبيلو سارو
آڙو پاڙو منهنجي جانان!
تنهنجي چانئو ۾ شاد رهي
مون پريميڪا!
مان جو هڪڙو شاعر آهيان
منهنجا وڏڙا

شاهه ڀٽائي، سچل، سامي
شيخ اياز، بخاري، حامي
آيا تنوير، نياز ۽ آهن
مڙي مونسان ميڙ تي توڏي
قسم تي چنڊ تارن جو
مني! مڙني نظارن جو
آيل هن ميڙ کي ڏسجانءِ
ڪڏهن مونکان ڏار نہ ٿيجانءِ
ڪڏهن مونکان ڏار نہ ٿيجانءِ

❊❊❊

## مقدس ايوان

ٽريڪٽر ٽرالي چيئي شيرين کي
پيٽ پنهنجي ڏيءُ وساري ڇڏيئي
ڪيترو ايوان آ مقدس پنهنجو؟
۽ سنڌ ۾ اخلاق کي ظاهر ڪيئي

***

## سوال

پيار پرٽو هوءَ ڪري ڏوهي بٽي
ماءُ انلاءِ ذيءَ کي ساڙي ڇڏيو
ممتا، عورتپٽو گڏ ڪيئن گُهٽيا؟
ياءُ ياڇوڪڙ سوال آهي ڇڏيو

***

## داد ۽ انصاف

ڏوهه ڏوهاري ڪري خنزير تي ڪُليو گُهمي
هر ڪُتو لوسي چڪي پوءِ وتي گگدام کي
گهر معصومن ڍهن، متاع ساڙي رک ڪجي
دادُ ڪهڙو چئه ڏجي؟ ڪنهنکي هن انصاف تي

***

## روشني

سج اُڀري کين ٿو جو
سٺ سالن جي گداگر
پوڙهي عورت!
پاندُ پوٽيءَ جو ڦهلائي
شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾
در در تي سئن هڻندي
چڪر ڪاٽي شام جو
سج بُڏي موٽي اچي ٿي!
ٽڪل چهرو ..... خُواب اکيون......!!
هڙ ڪولي هُوءَ ڏسي ٿي!
هڪُ رُپيو ..... ٻه رُپيا .... پنج رُپيا ....!
ٽوٽل هي ٿيا سڪا ٿيهہ!
۽ هي اٽي جي گودڙيءَ ۾
آ اٽو پيي سيرُ ڪنُ!

سامُهون نشي ۾ ڏُتُ سُتل
بيڪارُ پُٽُ!
جوان نُهنُ ۽ پوٽيون ٻه!
گهر ڪڪائين مان ٻه هاٽي
سجُ ليئاڪا ٽو پائي!
ناهي ڪو لوڙهو لپڙُ
بيوسين ڪارو ڪپڙُ
پيو ڏنگي ٽو ڏينهن رات!
خُواب پوڙهيءَ جا سمورا
زهر جي ڦتڪي مرن ٽا.
هُن حياتي جا ڏٺي
سا آهي ڪيڏي ڪسي؟!!
مُڙسُ هُنجو ماريو ويو هو
بيڏوهي!
قبيلائي تڪرار ۾.
هُن جوانيءَ ڪان وٺي آ
پيٽُ پاليو پوءِ پني!
پهريان ٻن ويلن جي ماني!
هاٽي مُشڪل ساڻُ ويلو!
ڏرا هنيل ٻن نيٽن مان
ٽو وهي لُڙڪن جو ريلو.
پر! اُجهاميل خُواب ڪو!
اوچتو روشن ٿيو اڄ!

پوڙهن نيڻن ۾ آ اُڀريو
عڪسُ ڳاڙهو ۽ چٽو!
ڳل ڳاڙها ...! جوان هڪڙي ٺينگري!
ڪاري هُن هُئي جيڪا بازر ۾ ڏٺي!
نيڻ ڪجريلا... چڳون واسينگ جون!
چپن تي جڻ چاشني ماکيءَ لڳل!
ريشمي لباس ۾ پئي ڊيل ڪائي جڻ ٽلي
۽ جتي گداگريءَ لئہ پئي رُڪي!
نوٽ هُنجي هٿ تريءَ تي پئي نچيا!
ياد هي منظر ڪري ....!
پوڙهي پيءُ تي اڄُ سوچي!
الائي ڪڏهن ٿيندي جوان؟!!!!
مُنهنجي پوٽي "روشني!!!!"

***

## گمس

گمس نالي کي قبوليو هٿُ چڏيو
ووٽ ڏيندڙ کي بہ تورو مانُ ڏيو
نالو ارپيو کنهن نئين اداري کي
پل تہ راضي پيراڻي گادي بہ کيو

***

## گڏهہ بابو....!

مخالف سان جهيڙو اجايو بياني
پوي کم تہ گڏهن کِلي چئبو بابو
گترن گندن جيئن منزل آ ساڳئي
کبو دوست، دشمن مٿان سکٽو داٻو

***

## دانگي سسٽم

حليم دال ۽ چولا کپائيندڙ تي پابندي
جوا، وياج، رشوت جي گرم بازار ساڳي آ
بَڌِي کو پيٽ سان پٿر مُسافر، پورهيت سوچي!
روئڻ رمضان جو ناهي، سندو سسٽم هي دانگي آ

***

# مسلماني

هندو ڪائي نياڻي اغوا ٿئي ٿي، وڏيرا ۽ ملان هنبوچيون هڻن ٿا
چون ٿا مسلمان ٿي پاڻ آهي، نشان هوءَ نہ جبرت يا ڏاڍائي ٿي آ
اگر نياڻي تن جي ڪري پنهنجي مرضي، مسلمان ڪنهنسان ڪري شوق شادي
تہ آپي ڪان نڪري ڪن نياڻي ڪاري، وساري ڇڏن ٿا مسلماني پي آ

***

# سُجاڻ

انسان تہ نالي ۾ جميو چون ٿا آزاد
آزاديءَ جو مطلب جاڻي نٿو ڪو چاهي
ماڻهو مرن ٿا نسلين، مذهب، لڪيري سرحد
انڌيءَ گوليءَ چون ٿا سُجاڻ ڪائي ناهي

***

# زن مريد

مامتا هُئي پالنا ڪئي پيار مان
اولاد تي نہ درد پاڇو آندو جنهن
پُٽ اُن جو تي وڏو تيو زن مريد
۽ ڌڪي گهران ڪديو اڄ ماءُ تنهن

***

# سونهن راڻي

ڏسڻ ۾ سانوري صورت
تون دل جي آرسيءَ ۾ پر
ڪا ديوي سونهن جي آهين
ڏسي چنڊ توکي شرمائي
ستارا سونهن ساڪي ٿي
نرڙ تنهنجي بنديا بڻجي
اچي توکي چُمڻ چاهن
۽ هيءَ جا چاندني آهي
لهي ٿي روز آسمان تان
تنهنجي ڳلڙن
تنهنجي چپڙن
تنهنجي پيرن چهڻ ڪانپوءِ
وڃي واپس وري ٿي جي
وڇوڙي تي پئي روئي
ٽا ڳوڙها ماڪ ٿي برسن
ٿمي قطرا اهي شبنم
اچي اتڪن تو وارن ۾
تہ نيارو ياڳ ٽا سمجهن

پنهنجي قسمت تي جهومن ٿا
هوا کي پيي ٿا هرڪائن
هوا هرکي اچي توڏي
چيڙي تنهنجون چڳون وارن
سُريلو گيت ڳائي ٿي
نظارن کي ٻُڌائي ٿي
سُرمئي شام کان سُهڻي
خُدا جو آن حسين تخيُل
تُنهنجي آڏو موناليزا جي
آهي مُرڪ بي معنيٰ
ليڊي ڊيانا توڙي ڪائي
حسينا دور هاٽيڪي
آڏو تنهنجي تہ ڪجھ ناهي
حوالا سڀ تنهنجي سونهن لئہ
ڏنا سڀُ شاعرن آهن
منهنجي شعرن ٿنا ۾ تون
يتائيءَ بيت تون آهين
سچل جون ڪُلُ ڪافيون آن
منهنجي اوا پيار آڪاٽي
تون ئي آن سُونهن جي راڻي
تون ئي آن سُونهن جي راڻي

***

## تون مُرڪين سدائين

سپيون، سمنڊ لهرون
چنڊ جي چانڊوڪي
پنهنجي ماڳ ويندڙ هي تارا سيئي
عصر ويل جهوٽن هوائن تي نچندڙ
گلڙن جا جهرمٽ وڪيرين جا خوشبوءِ
سا خوشبوءِ ۽ خوشبوءِ جا عاشق هي پوپٽ
هي مهراڻ چوليون
هي ڪينجهر ڪنارا
ڪارونجهر جبل ۽ تر جا نظارا
نچي مور سارا
ڏين توکي دعائون
ماڻين شال خضري حياتي

ءِ ياڳ تنهنجو هي ٻڌجي
سليماني سائڻ!
تنهنجو "حُسن يوسف" ڪڏهن ٿئي نہ پوڙهو
تون مُرڪين سدائين
تون مهڪين سدائين
خوشيون تنهنجي در جون داسيون رهن ٿي
قدم رهن چمنديون تنهنجا ڪاميابيون
او محبت جي ديوي! پري حُسن جي!
آهين حُور جنت جي مونلاءِ تون ئي
مان تُنهنجي جنم ڏڻ تي توکي مني!
مبارڪ سان گڏ هڪڙو سجدو تو ارپيان
پوي شل هي منهنجو تحفو قبول
آئون رهندس هميشہ تو پيرن جي ڌُوڙ.

***

# سازش

ڊئم لاشن تي جڙن جي ڳالهيون ڪن
ملڪ ٽوڙڻ جي ٿا سي سازش سٽن
تاريخ شاهد آهي بنگال ڪنهن ٽوڙيو؟
ڪهڙا دشمن ديس جون پوٽيون چڪن!

***

# اهڙي روش

ڪو متاهون ٿئي نه هِتِ قانون کان
سنڌ ۾ اهڙي روش چاهيون پيا
پل وڏيرو، رئيس يا وزير ڪو
ڏوهي آ ڪاٽي خلش چاهيون پيا

***

# خطرو

فڪر تنهنجي ۾ نالي تي تيڻ قابض هي چاهن ٿا
سچل سائين اديبن جي گروهن مان ته خطرو ٿئي
ملي جي موقعو ويو تن، ته روضو پيي ڪپائيندئي
ڏين پئسن لئہ لامارا ته مڪروهن مان خطرو ٿئي

***

# ڪريتا مون اندر

مان ڪيڙو گندي ناليءَ جو
ڪتوريءَ ڪاٺ تون آهين
تون پوپٽ جي رنگن جهڙي
تئو ڪارو وجود منهنجو
ها ها! تون مورتي آهين
چانڊوڪي چنڊ جي تون آن
آهين خوشبوءِ گلابن جي
سڄي سنسار جي سونهن تون
آهيان مان ڊوندي دنيا جو
ڪريتا مون اندر آهي
مان تُنهنجي پير جي مٽي بہ ناهيان اومني جانان!
تہ پوءِ مان ڪيئن پلا ڪڏهن
لائق تُنهنجي ٿي سگهندمُ؟!
اهو سوچي مان پنهنجي بيوسي ۽ بدنصيبيءَ جو
نتو پاڇو بہ ها تنهنجي مٿان ڪڏهن وجهڻ چاهيان
مگر اڄ پيي توکي پوڇيان
پيو توکي ئي مان چاهيان
مٿان سمجهين مني جانان!
وساريو توکي مون آهي.

***

# خوشين پوپٽ پئي جهٽين

جڏهن نيو ييئر جي موقعي تي
ماڻهو شراب ۽ شباب جي محفلن ۾ گم هئا
جڏهن ڦٽاڪن ۽ گولين جي گونجار ۾
ڪٿي گهنگهرو پئي وڳا
تڏهن منهنجي مٺي!
مون نيڻ بند ڪري
صرف توکي سوچيو هو
۽ ٻن هٿن جي بي ترتيب
ڪڏن مٿل ڏرتيءَ تي
تولاءِ دعائن جو هو ٻج ڇٽيو
”تون گلاب وانگي مهڪين“
”چوڏهينءَ تي چنڊ ڪڙين“
”خوشين پوپٽ پئي جهٽين“
”۽ نه ڪڏهن مونکان وسرين.“

***

## بينظير

مهينا سال جا پيا پيي
ڊسمبر جڻ تہ ازدها آ
وچوڙي جا وچن سارا
پون جاڳي ڊسمبر ۾
۽ ڪاريهر ڪي يادن جا
ڪڏي ڦٽيون هڻن ڦوڪون
ذهن تي اولڙا اُڀرن
پون ٿا ڦٽ تازا ٿي
ڪنڌر دل جا پُڪارن ٿا
هي دل ويران اڄ ٿي وئي
ڪٿان گولي آئي ڏانئڻ
حياتيءَ کي اُجاڙي وئي
۽ خوابن کي چيتاڙي وئي
هوائون رتُ هاٽيون ٿيون

رڳو ماتم فضا آهي
اُداسيءَ مان ڪاريون ڪٽچيون
نسريل ڪانھ تي ويھي
پريان جو گيت ڳائن ٽيون
اُداس آ ڏيھ ھي سارو
رنگين پوپٽ اُداس آھن
وساريو ناچ مورن آ
اُتر ٽڌڙي ھوا گھائي
پُڇي پئي ٽي ويو ڇاھي؟
ڳاڙھو_نيرو ٽيو اُڀُ آھي
ڀٽائيءَ جي تنبوري جي
ٽُٽِي پئي تار آ ڪائي
رني ۽ ڪوٽ ڏِجيءَ جا
قلعا اوسارا اوسارين
ھي استوپا دڙو موھن
وري جڻ آ اُجڙ ٽي ويو!
ڪلاچيءَ جون ڪوڪون آھن
شھر ھي سنڌ جا سارا
رڙي روئي پُڪارين ٿا
سھارو جيءَ جڏي ھر جو
ڪنارو ھئين جمھوريت جو
مليران ملڪ جي مارئي!
پٽي ڏُلفيءَ جي پنڪي!

وطن جي بينظير تولئہ
اسان جي رُوح ۾ لرزش
اجان آهي اُها ساڳئي
وطن جي گهر گهٽيءَ مان اڄ
پُٽي سان گڏ هڪ پنکي
ڪندي گجگوڙ نڪري ٿي
چوي للڪاري ٿي دشمن
او ڪانئرا ياڙيا ! ياڙيتا!
پتو هڪڙو فرد ناهي!
نہ ئي آ بينظير هڪڙي!
اهو آ خواب قومن جو
۽ قومون جيسين زنده هن
پُٽي جو نانءُ زنده آ
۽ زنده بينظير آهي
۽ زنده بينظير آهي

***

# بدڪار

هُجي معصوم يا بدڪار! رب تي فيصلو ڇڏجي
ڪنهين عورت مٿان تيزاب هارڻ ٺيڪ ڪونهي ڪو
مسئلو آهي غيرت يا ڪٽي توڙي نفرت جو
پنهنجا پي عيب ڏسندي ها، ٻُڏي ته چونه مرجي تو

***

# سنڌ ورهائڻ

سچل سائين سنڌ ورهائڻ جي سازش
پيا ڪن ڪانئر ۽ ڏرتيءَ ڏڪاٽا
وسري ويو تن ڪان ڇا دودو ، دولهه
ڪدندن اڪيون هيمو، تيندا ته ڪاٽا

***

# رياست

رهڻ خيرپور ۾ ڪو ڇاهي ڪامورو!
ٿئي سڀ جو خادم، سڪي جي حضوري
سڄو ئي ضلعو آ جيالن جي رياست
رکڻ راضي تن کي به آهي ضروري

***

## منزل گاهون

اسان جي چوڌر ٻري پيون هن ڏياٽيون جڳمڳ
درسگاهون پيون ٿيون ڏسجن شعوري راهون
عظيم ليڊر نالو تنهنجو رهندو پيو قائم
ادارا پنج هي وٺي ڏنا تو منزل گاهون

***

## گهر سڙن

روز پنهنجا ٿا مرن ۽ گهر سڙن
روز پنهنجن جي هٿان پنهنجا ڪجن
آجپي جا چوڻ ٿا نعرا لڳن؟
سنڌي سارا ذهن چو سنڌ جا لڳن

***

## دشمن

امن جو دشمن اسان سڃاڻون ٿا
ميثاق جمهوريت تي پر پابند هون
سنڌ وچي پيلجي، رت پيو وهي
مال ميڙڻ تي بيٺا ڪاربند هون.

***

# ماتم

الائي ڇو دل ۾ جاڳيون ڪربلائون
ڦاٽا بم ، گولين جي بوڇاڙ ٿي وئي
اُڏيا لاش انساني، پکڙيا هوا ۾
پري تائين ڀوتيون، هڏا سرڌُ ڪيئي
۽ سسڪيون ڇوڏاري زخمين جون اُڀرن
ڪڇن لاش ٽا پيا
متل آهي ماتم
روئي ٿي ڪا ممتا ، ڪوئي پيءُ پوڙهو.
اوڙهيو ويس وڏوا جو اڄ ڪيئي نارين
ڪيئي پينرن جي دلين منجھ پليل
چپن جي سرحد ڏي
ڪٽي وڪون وڏندڙ
نڪورا ڪيئي ڳيچ نڙيُن ۾ اٽڪي

ويا آهن ڦٽڪي
۽ ڳانن جا موتي ويا سڀ وکري
ڪي ٻالڪ ڪي نياڻيون
يتيميءَ جي ڏائڻ قبضي ڪيا هن
ڦٽيو ديس منهنجو هي ماتم ڪدو آ
هن ماتم ڪدي جي هن حالت کي ڏسندي
شرم منجهه شيطان مونن وجهي مُنهُن
سوچي ٿو ڇا هِي ..........!
انسان آهن؟
شيطان آهن؟
حيوان آهن؟
نہ .....!
نہ انسان اهڙو ڪڏهن ٿي سگهي ٿو
نہ ئي اهڙو شيطان ڪريل ڪو آهي
ڪتو ڪوا مرون ڪوا هجي تہ هجي
نمازي جو مسجد ۾ ماري وجي ٿو
امام بارگاهون اُجاڙي وجي ٿو.

اگر اج ڏڪارو شيطان آهي!
پوءِ مان تہ هڪڙو انسان آهيان
منهنجي دل تہ شاعر جي دل آهي جانان!
ڀلا پوءِ ڪيئن مان ماتم ڪدي ۾
ڇانيل سرءُ کي بهارون مڃيان ؟

هي موسم بهارن جي ڪاتي اھا آ!
جنهن ۾ گل ٽڙڻ تي
هُيون دليون ٽڙنديون.
الائي ڇو هيل بهارون بہ آيون
تہ بي رنگ ڀُسيون
لڳن بي چسيون ٿيون
تڏهن منهنجي منڙي
او منهنجي محبوبا!
نہ ناراض ٿيجان
هيلوڪي ويلنٽائن
ڪو تحفو نہ ڏِبو
نڪي بوسو ونبو
نہ ئي ڳل ملبو

***

## آئيندو

جـگـر جـو ٽـڪـو ٻـڻـائـي يـرغـمـال
انصـاف جـي آواز کـي گـهـٽـيـو آ ڪـنـهـن
سـوچـجـي تـہ ان جـو آئـيـنـدو آ ڇـا؟
مـنـصـف پـي لاچـار آهـي، ديـس جـنـهـن

***

## قاتل وڏيرو

گـاهـہ مُـٺ لـئہ جـا وئـي هُـئـي نـيـنـگـري
ٻـڪُ گـولـيءَ جـو بـڻـي وحـشـيءَ هـٿـان
قـاتـل وڏيـرو ڇـٽـي پـيـو شـهـپـر وٽـي
قـانـون "ڇـتـيـنـدڙ منهنجي جتي هيٺان"

***

## سنڌ جا رستا

سـنـڌ جـا رسـتـا لـڳـن ٿـا، رت پـيـئـنـدڙ ازدهـا
جـامشـورو - آمـري آ روڊ وڏو ڪـاريـهـر
قـانـون اکـيـن تـي ٻـڌي ۽ انـڌو آهـي سـمـاج
بي قابو ان لئہ گهمي ٿو ايڪسيڊنٽ جو سوداگر

***

# خوش ڪيئن رکان

تنهجي دلڪش ادائن تي موهجي
تنهنجي دلفريب ڳالهين جي سحر ۾ منڊجي
مان وفائن جا وچن ڪري
روز تنهنجي زبان مان نڪتل
طعنن جا تيرسهي
پنهنجي دل تي زخمن جا گهاءَ سجائيان ٿو
مان وساري ويهان ٿو
اي عورت!
تون تہ جنت ۾ ئي خوش نہ رهيئن
پوءِ ڀلا !
مان ! جيڪو تنهنجي ڪري
جنت ڏڪاڙو ٿيو آهيان
هن ڌرتيءَ تي
توکي خوش ڪيئن ٿو رکي سگهان؟!!

***

## نيڻ

نيڻ معصوم ها
نيڻ ڪنوارا هئا
نيڻ پوڙها ٿي هاڻي تيڻ هن لڳا
پر نہ عادت مٽيئون
پنهنجي روئڻ سندي
روئندا ئي رهيا.

ڳچ عرصو اڳي
ڳوٺ ۾ چوڏسا
منهن ، لوڙها هئا
۽ ڪنڌين اوت ۾
ڪجھ ڪچا گھر هيا

سپ ڪچيون هون ڳليون
تن ڳلين ۾ يتيمي سندا ڏينهن گهاري
پيءُ سان گڏ ويندڙ ڪنهن ٻار جي
هٿ ۾ ڪوئي رانديڪو ڏسندي هي نيڻ
حسرتن جي آگهم سان ها پُسجي ويندا
ٻانهه جي اوٽ ۾ وڄ ورندي هُئي
نيڻ روئندا هئا، ڪنهنکي ساريندا ها
جڻ پُڪاريندا ها.

نيڻ جوانيءَ رسيا
اڳتي ٿورو وڌيا
۽ جو توسان مليا
نيڻ ساڳيا چريا!
نفرتن جا پلئه ۾ رکيل سپ پندار
تنڪا طعنا مليل سجي لوڪ کان
ها وساري ويئا، توکي چاهي ويئا
تون جا خوشبوءِ حنا
منهنجي گيتن، غزلن، ڪُلُ شعرن ثنا
هر حوالي کان اعليٰ ۽ آهين اُتم
توکي ڏسندي ختم ٿيو دل جو ماتم
منهنجي دل جي نگر ۾
آذان خوشين جا گونجڻ لڳا
وضو وند ٿي منهنجي سوچن، خيالن

بيهي صف ٻڌي ، تنهنجي پوڄا ڪئي.
منهنجي نيڻن توکي سامهون ڏسي
پنبڻين جي اشارن سان منهنجي منٿ!
رڪوع ۾ بيهي، ڪيئي سجدا ڪيا
سونهن تنهنجي سامهون هميشہ جهڪيا

منهنجي نيڻن عبادت تہ جاري ساڳئي
پرا جي تن ڪان پري ٽوڙو ٽي وڃين
خواب ڦٽڪي پون
نيڻ روئڻ لڳن
ڇڻ جهري ٽا پون
نيڻ جيڪي اڄ پوڙهپ سفر هن پيا
سي پوءِ صفا ئي صفا ٽا ٻوٽڃڻ چاهن
ننڊ گهري هميشہ سُمهڻ ٽا گُهرن
ننڊ گهري هميشہ سُمهڻ ٽا گُهرن

***

## امداد

وزارت، وڏ وزارت ۽ ثقافت کاتي پئسن مان
اسان جو ڪامورو، ليڊر لکن امداد ماڻيندو
صداڪارن، اداڪارن جوجيون پيڙهي پل غربت
بيماري ۾ ملوث هت اديبن پي نہ ڪجھ ملندو

***

## ماڻهپو تو مري

مري ڪوئي افغاني، بنگالي ، انڊين
اصل ڳالهہ آ ماڻهپو تو مري پيو
نعرو دين جو ۽ لبادو شيطاني
وڃي دُور انسان خود ڪان پري پيو

***

## شاعري

شاعري آ وقت جي پيغامبري
چونہ پلا تي صحافت تي سگهي؟
جو نہ وڪجي ۽ نہ دبجي، گونججي
آواز سچ جو هي تہ تي بڻجي سگهي

***

## محبت جو وڻ

هڪدم خوشين جا سڀ رنگ، بي رنگ ٿي ويا
احساس جي زمين تي ائٽم آ ڇڻ ڪو ڦاٽو
اکڙين مان لڙڪ بارش چوڏس وسي رهي آ
ايڏي هو ڇڻ فرشتو، محبت جو وڻ ڪو ڳهاٽو

***

## فصل سڙن

ٻوڏ آئي - بند پيچبا پاڻ ئي
سنڌ کي ٻوڙي تہ ستياناس ڪبو
هاڻي جي تا فصل سڙن ، پل سڙن
ڪوٽ پاڻيءَ جي آ، سُرُ آلاپبو

***

## عيد .....!

جهومي پون هوائون، گونجن امن جا گيت
ميلا مچي پون ٿئي ديدن پرينءَ جي ديد
ڪو ٻارڙو ٻڪيو نہ، اگهاڙي انگ نہ ناري
ڪنهن گهر نہ لاش لٿڙي، اهڙي اچي ڪا عيد

***

# گل مروڙيو

هوءَ جيڪا هُئي بظاهر شوخ چنچل
تنهن جي دل معصوم کي ٽوڙيو ويو
غيرتن جي اوٽ ۾ ڪجهه وحشتن جو
رُخ آ بدليو ، گل کي مروڙيو ويو

***

# وياج خور

ستيبازيءَ نہ بندش، نہ ئي آ آڪڙو ڪو ڏوهہ
کهڙو سماج آ فتنو، ڪري ڪوئي نٽو پيو غور
غريب خواب هن گروي، عزت محفوظ يي ناهي
پيو اُڏهيءَ جيان کائي، ماڻهو ماڻهوءَ کي وياج خور

***

# بجلي چوري

ميٽر - ڪنڊي جو تفاوت ڇڏي
گهرگهر تي مقرر رقم ڪا ڪجي
يا مفت خورن جون فرجون، پيو سامان
ڪجن ضبط ، بجلي چوري روڪجي.

***

# سهارو بي سهارن جو

اوس تہ موت حقيقت آ
ناهي انڪار ڪوئي
موت هڪ روپ ناهي
روپ سندس هن ڪيئي
ڪٿي هي موت!
ٻُکيو باز _ بگهڙ خوني آ
ڪٿي هي موت!
ڪنڊن تخت _ باھ جا شعلا
ڪٿي هي موت!
آ جهڙوڪ هوا جو جهوٽو
وڃي ٿو آدميءَ جو روح
هڪڙي پل ۾ جهٽي

مجون تا موت جي طاقت
ها وڏي طاقت آ
مگر حياتي کو گهاري
سٺي ڪردار اندر
تہ موت فرشتو!
مانو تي ۽ ها هيٺون تي
هيئن سوچي تو!
جيئن هاڻي پيو سوچي تو
روح هتن ۾ جهلي بيهي
بي ساڪت نبل جسم پرسان
” سفيد پوش هي سادو
چپن تي مرڪ رکيل
يتيم ٻارڙن ابو
سهارو بي سهارن جو
حياتي جنهن سچي گهاري
ورهائي پيار رڳو
شجر تنهن ڇانو لئہ پوکيا
۽ تن کي پاڻي ڏنو
ٻات اونداهہ ۾ ڏيئا ٻاريا
هن هُيا ڪيئي
ذات پنهنجي کي گذاريو
هن مقصد ڏيئي
اڄ سندس روح برابر تہ

منهنجي هتن ۾ آ
سندس مقصد کي گُهتي
ڪين مگر مان تو سگهان !
هي پوڙهو شخص!
برابر ڪو فرشتو آهي
هي پوڙهو شخص !
برابر تہ مري ڪو نہ ويندو
هي پوڙهو شخص !
برابر تہ جيئندو رهندو
ها ڪيئي ڏينهن نہ !
سال بہ نہ !
صدين تائين .

***

## اتساهہ

اسان جو جيئڻ مان
اتساهہ هاڻي ختم ٿي ويو آ
نہ هي رونقون بس وڻن ٽيون اسان کي
نہ تارن جي جهرمر
نہ ڪا اک ڪجلي
نہ واسينگ زلفون
نہ ڳاڙها گلابي چپ ٿا اثر ڪن
جو جيئڻ جي چاهت
وري ڪن ڪا پيدا،
نہ چوڙين جي ڇم ڇم
نہ پازيب گهنگهرو
اثر ٿا ڏيڪارن،
بس جيڪو ٿورو بہ آهي اثر
اداس انهن نيڻن ۾ آهي

چ ون ٿا جي تو کي
بيوفائي ڪندئو ڇا؟!
ڪيو هَوَ جو وعدو
صديون ساڻ رهندئو
نہ پورو ڪندئو ڇا؟
اڃي ياد وعدو تہ پگهري وڃئون ٿا
تڏهن قرض لاهڻ جيان پيا جيئون ٿا
وگرنہ تہ سچ آ
زماني جون ويساهہ گهاتيون ڏسي
اسان جو جيئڻ مان
اتساهہ هاٿي ختم ٿي ويو آ

***

## منافق آ شيطان

مفادن لئہ نظريو ۽ ايمان وڪڻي
نہ ليکڪ، شاعر تنهن اديب سڏجي
هُجي جيڪو پنهنجي ڪُڙم جوئي ويري
منافق اهڙي ڪي شيطانن ۾ ڳڻجي.

***

## رينجرز

ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ اچي بند هِتِ ڪو
عام شهري امن تو چاهي پيو
اختيار رينجرز کي ملن سنڌ ۾
پر نہ ڪرپٽ ماڻهو ڪو چاهي پيو

***

## بدبوءِ

مچيان تو پگهر جي بدبوءِ آ مون ۾
مگر پيتو رت مون غريبن جو ناهي
مان بدڪار، بيڪار ماڻهو بہ، پر ها!
مون فطرت وياجي ۽ زاني پي ناهي.

***

## تبديلي

ڏڙ ساڳيو، بس رڳو مٽبيون مُنڊيون
ويهي تبديليءَ جون پر ڳالهيون ڪبيون
سنڌ جي حالت جيڪا آ، سا هوندي
ساڳيا ڪامورا، ساڳيون ٽينڊيون ٺڳيون

❊❊❊

## قهر

لاشُ ٻچي دفنائڻ لئہ
پيءُ پِنيو سارو شهر
يا خدا! بس رحم ڪر
ڪر نہ ڪنهن تي هي قهر

❊❊❊

## اجهڙا ڊهڻ

پهريون ئي ڪنهنکي ٻہ نہ
ڪرڻ ڪت قبضو ڏجي
اجهڙا ٺهن، پوءِ ڊاهجن
اهڙو تہ نہ قهر ڪجي

❊❊❊

# کھاٽيون سوين

آنوپان جنهن تي آنالو پيل
گدو چوڪ ڪان سڌو ئي سڌو
ڪشادو ۽ ڏامر جو رستو وچي جو
کھاٽيون اُتي سَوَ جنم ٿيون وٺن
شروع ۾ اُتي هڪ موڙ ۾
دماغي توازن وڃائي وينل
ارمان دل ۾ لڪائي وينل
فريبي دنيا ۾ چريو سڏجندڙ
ماڻهن جي لئہ جا آهي اسپتال
انهيءَ ۾ کھاٽيون ٿيون ڪيئي پلن
هتي جون ڪتائون هن ڏاڍيون عجيب
ڪوئي عشق ۾ انتها کي پُڄي

سچين محبتن ۾ دوکو وٺي
واپارين جي دنيا ۾ پاڳل بڻيو
ڪنهنکي وري ڪاڻ ملڪيت حصي
ڏمر ڏاڍ آهي تہ چريو ڪيو
ڪنهن جي زال ٻئي سان پئي عشق ڪيو
ڪنهن جي ماءُ يا ڀيڻ نڪري هليي وئي
پوءِ غيرت ۾ سندس دنيا جلي وئي
ڪنهن کي روڳ کهڙو تہ ڪنهن کي آ کهڙو
کهاٽيون هتي آهن سينن ۾ سانديل.

اڳتي انهي روڊ تي جو هلو
آٿويان جي ها ٻنهي طرف ڪان
هوٽل سجايل ڪيئي عاليشان
جتي روز برگر اچن فيمليون
ڪيئي موٽرون ۽ گاڏيون وڏيون
ڪو جوڙو سُنوءِ ڪوئي بي سُرو
ڪنهين نوجوان سان سندس عمر جي
گڏ چوڪري جڻ تہ ڪائي پَري
ڪنهن سان وري گڏ ٻہ ٽي جل پريون
ڪنهن ڪاٽي ۽ ڪاري سان ڪو چنڊ چهرو
ڪنهن پوڙهي گنجي سان حسين پوپري
ڏسي ياد چوٽي اچي تي وڃي
ڪو لنگور منجهہ دامن آهي حور

ڪنهن پوڙهيءَ ڏانئڻ سان ڪو ڇوڪرو
ڏسي مم گوڏن ڀاڪو نهي.
اندر هوٽلن ۾ طعامن جي خوشبوءِ
ٻاهر هوٽلن جي ڪليل روڊ تي
فقيرن جا هٿ روپئي لئہ وڌايل
۽ ڪيترن نوجوانن جا چپ
اُساٽيل اُساٽيل چُميءَ لئہ سڪايل
سندن مدبل درجو سندن لئہ عذاب
نہ ڪا ياڳ ۾ آ سندن لئہ لکيل
سٺي نوڪري ڪا سٺي ڇوڪري
انهن جي اڌورين کهاڻين سوا
هتي ٻيون ڪيئي کهاڻيون ٿيون جنمن
هتي روڊ تي سچ لهڻ ساڻ ئي
ڪي پوڙهيون، ڪي اڌڙوٽ ۽ نوجوان
ڪيئي عورتون ڪنهن تہ مجبوريءَ مان
پنهنجي عزتن کي ٿيون وڪڻ اچن
ڪن الڪو تہ ٻچڙا نہ بُک تي سمهن
ڪنهنجي مڙس بيغيرت پيءُ، ڀاءُ ڪي
نشي لاءِ ڌهن وارو نوٽ گهرجي
آهي جنهن تي قائد جو فوٽو ڇپيل
قائد جو امين هو ميزان جو
۽ ميزان جزو آ ايمان جو
ها ايمان پڪو آ مسلمان جو

مسلمان سنڌي لئہ آنياڻي قرآن
ڏسو اڄ سو قرآن وڪامي پيو
سنڌس خواب عزت تي نيلام ٿئي
جسم سنڌس کي سئو ڪتو ٿو چڪي
سنڌس ماس ڪچڙو ٿو نوچي پٽي
تڏهن ئي ڪرپ مان اڪيون ٻوٽي
چئي چڻ تي "مونکي بہ جيئڻ ڏيو"
اهو لفظ جيئڻ تہ ڏاڍو نندو
مگر چئن لفظن جي تن ڪولجي
ڪهاڻيون سوين تن ۾ آهن لڪيل
ڪهاڻيون سوين روز تن مان جمن

***

## سونتو وهي

قتل ماڻهو جي تئي هت
قانون ننڊ ۾ تو رهي
ڪتو سياستدان ڪنهن جو
ڪٿ جي مري سونتو وهي

***

## قانون مسخرو

بارڙن متان مڙهي ڏاڙي جو ڪيس
ريڊ جي لئہ گاڏيون پيو ڊوڙائي تو
قانون هو اندو اڳي ، اڄ مسخرو
پاڻ تي هي خلق پيو کلائي تو

***

## انگ ڍڪي

هڪ چيُس موبائل تي مونکي ڪپي
ٻيءَ چيس ڪپڙن جو جوڙو آڻي ڏي
هُو تہ وينو گهر پروا تو يري ۾
زال ،ڏي هنجي چتيُن سان انگ ڍڪي

***

## ياخدا رحم ڪر!

ڪيترا جهوپا جهريا برسات ۾
۽ حياتيون ڪيتريون ضايع ٿيون
يا خدا تون رحم ڪر هن حال تي
تنهنجا بندا توکي پيا پاڏائيون.

❊❊❊

## ماضي عڪس

دڙُ چوٽيهون هُجي يا ٻاونجاهون
حد وارو مسئلو آ جاڳي پيو
لاش ڦاٽو پيو آهي بئراج ۾
وقت ماضي آوري چٽو ڪيو

❊❊❊

## حيوانن درندن

قتل جي اجازت ڏئي ڪونه مذهب
هي اسلام کي آهِ بدنام ڪنهن ڪيو
جنت جي دلبي تي ڌرتي ڪن دوزخ
حيوانن درندن تن انسان ڪنهن چيو

❊❊❊

## وارثي

اسان جي ياڳ جاڳ جي
پلي نہ وارثي قبول
مگر مني اهو ضرور
تون سوچجان ۽ سمجهجان
تہ پيار جون ورهاستون
الڳ هن عشق کان سچي
هي جيڪو پيار آ اهو
جيڏو چاهيو ورهائبو
تو پيار پيءُ سان ڪجي
تو پيار ماءُ سان ڪجي
تو پيار ياءُ سان ڪجي
تو پيار ڌيءُ سان ڪجي
اهو پيار ئي تہ آ
پُٽن کي ويجهڙو رکي

متن کي ويجهڙو رکي
اهو پيار ئي تہ آ
ڳولهي ٿو دوستي سچي
۽ سهڻي سيبتي سکي
مگر پيار هي مني!
ڪڏهن تہ زهر ڍڪ پي
مري بہ ويندو آهي ئي
انهي جي عمر ڪيتري؟
نتو ڪوئي جاڻي چاهي
پر اهو جو عشق آ
الڳ ٿلڳ ئي آهي سو
انهي جو ڪونہ انت آ
آهي سندس مزاج پيي
الڳ سلڳ صفا سکي!
هن عشق جون جدا آهن
پنهنجون ئي ڪجھ علامتون
هن عشق ۾ پاڪيون چميون
جڙ تہ هن غلاظتون
پر منيءَ آڏو جهڪڻ
ڪيس سجدو پيي ڪرڻ
هن عشق جون عبادتون
ان لئہ او منهنجي مني!
تون ڳالھ وٺ سمجھي سِکي

هيءَ جيڪا منهنجي پريت آ
توسان اها سچيت آ
مون عشق ڪيو توسان آهي
تون ٿئينءَ نہ منهنجي پو چاهي!
پر منهنجي ڀاڳ جاڳ تي
تنهنجوئي آ ڏس اختيار
تو چاهيو "خوش ٿو مان رهان"
تو سار سان زنده آهيان
نہ تہ مان ائين ئي ٿو ڀانيان
تون جو ڪٽي ٻُت آ ڀڳو
اڄ جاڳائي ۾ منهنجو سڄو
ٽڪر ٽڪر آ مون وجود
مان آسماني تارو هان
لک ڪروڙين مون سان گڏ
تارا ڀيا پيي ڪوڙ هن
مان انهن تارن سان خوش
پر ڪونہ ٿو رهي سگهان
اڄ بہ هيڪل ئي جڻ آهيان
چنڊ تون آن تنهنجي جهوليءَ
ها مان سمهڻ ٿو چاهيان
يا تہ وکري پرزا پرزا
ٿيڻ ڪلهہ قصو ٿو چاهيان
پر مان ڪلهہ قصو بہ ٿيان ڪيئن؟

اڄ مان خالي، سياڻ بہ ناهيان
تنهنجي هڪڙي جملي جڪڙيو
انهيءَ جملي قيدي آهيان
تو چيو هو "وشال ! شاعرا."
"منهنجي، خاطر رهجان خوش تون"
ڏينهن تنهن کان خوش مان آهيان
منهنجي نيڻن ۾ ناهي ڳوڙهو
منهنجي چپن تي مُرڪ هاڻيون
چتڪيون پيو روز چنبڙايان
تنهنجي يادن عڪس سان سانئڻ!
دل جليءَ کي مان وندرايان
توڙي ڏڏي هُئي دل جي دنيا
پوءِ بہ ڏس مان خوش ٿي آهيان
پوءِ بہ ڏس مان خوش ٿي آهيان.

***

## دعا!

جي تون چاهين تئين مسيحا !
پلي تون ٿيجان
نہ تہ منهنجو خيال آ تولئہ
ڪميشن جو امتحان ڏيجان
اهم وڏي ڪنهن عهدي پڄجان
پنهنجي ڏيهہ ۾ اپريل آهن
بدعنواني، ناانصافي
ڪوڙ برايون پاڙن پختيون
ڪينسر – ڪوڙهہ بيماري وانگي
پر تون ! تن کي ٻنجو ڏيجان
۽ هان تن جون پاڙون ڪٽجان
ڪوڙهيل هن سماج جي خاطر
مسيحا ٿيجان.

❊❊❊

# ناچڻي

هڪڙي عورت نچڻي بڻجي
چند روپين جي خاطر ساٿي!
بگهڙن ٽولي منجهه نچي ٿي
اُچلون ڏيئي پاڻ بچي ٿي
ها! هي انسان بگهڙ آهن
ننڍڙا بگهڙ، وڏا بگهڙ
ڏاڙهين اڇين وارا بگهڙ
پيٽ وڏا ۽ ڪارا بگهڙ
سي هن نچندڙ هرڻي جهڙي
وينگس ٻوٽيون نوچڻ چاهن
هن کي پنهنجو ڪاچ ٻڌائن، آتا آهن

پوءِ هي جُهنڊ قاتل، هيسيل
مورٽي تن کان بچندي ڪيئن؟!
ها ! هيءَ هيڏن ڪتن مان
ڪنهنجو نيٺ بہ ڪاچ تہ ٿيندي
رات جي اوندهہ ۾ پوءِ ويهي
پنهنجو منهن گوڏن ۾ لڪائي
پنهنجو مقدر ويهي روئندي
سُڏڪي سُڏڪي پئي سوچيندي
هُنجي عزت ڇو لُٽجي وئي؟
پڙوت ڪندڙ لومڙ ۽
طبلائي گدڙن کي هوءَ
ماري آخر ڇونہ ڇڏي ٿي؟!
بغاوت ئي ڇونہ ڪري ٿي؟!
پر هوءَ ڏاڍي هيٺي آهي
پوءِ هُوءَ ڪنهنسان ڪيئن وڙهندي؟
هوءَ تہ جيئڻ لئہ ٿي سسڪي
۽ جيئڻ جي خاطر هنڪي
اَجهوءِ پڻ لَتو گهرجي
پيٽ بکئي لئہ ڳيو گهرجي
سي سڀ هنکي ڏيندو ڪير؟
ان داتا پي ٿيندو ڪير؟
بيوس آهي هوءَ نچي ٿي
نچندي نچندي پئي سوچي ٿي

عورت هڪڙي ماءُ بہ آهي
پيڻ بہ آهي ڌيءُ بہ آهي
ڪنهنجي آخر زال بہ ٿئي ٿي
گهر جي زينت پئي سڏجي ٿي
پوءِ بہ هُنجي عزت ناهي، آخر ڇالئہ؟
هوءَ سوچي ٿي! مرد هي سارا
شايد ڪي انسان ئي ناهن، جانور آهن
۽ ڪي پٿر مورتيون آهن
هوءَ سوچي ٿي!
چنڊ بہ ڪيئن تماشو ڏسي ٿو!
ڏند ڪڍي جڻ پيو کلي ٿو
شرم ٿورو چونہ ڪري ٿو؟
آخر فنا چونہ ٿئي ٿو؟!
هوءَ سوچي ٿي !
چنڊ جو ڪوئي ڏوهہ ناهي
انسان ئي جو انسان ناهن
چنڊ تہ بي احساس بي دل آ
آخر سوچي پوءِ هوءَ پنهنجا
هٿڙا دعا ڪاڻ کڻي ٿي
"آسمانن تي گهارڻ وارا
اي خدا! تون هيٺ لهي اچ
نچڻي ٻڄي ڇيرون پائي
بگهڙن وچ ۾ ٿورو نچي ڏس

پوءِ تون پڪ سان ان پل ئي
قيامت ڏٺ کي آڻيندين
يا وري پنهنجي دنيا لئہ
نوان انسان ٺاهيندين
هرهڪ عورت جي خاطر
ٽڪر ڀڳيو، اجهو، لٿو
آسمانن تان لاهيندين
دنيا هيءَ بدلائيندين”
“دنيا هيءَ بدلائيندين.”

❊❊❊

# بيت

خواب ، خيال، خواهشون، تون ئي منهنجي دعا !
تنهنجي هر ادا ، مون من آ موهي وئي.

مونلاءِ جڳ جون نفرتون، ڪوڙهه هجان جڻ ڪوءِ
پل نه منهنجي هوءِ، تو پڻ لائق ناهيان

تو وٽ دولت سونهن جي، گفتو سخنور
تون آن بختور، دنيا تو داسي مني!

منهنجي قسمت ۾ لکيل، رڳو آهي ڌڪار
منهنجو توسان پيار، تو ڀي سمجهيو ڪين ڪڏ

ڪنگو لاليا گهوٽ ٿيا، آهن سر نسريا
تو ڪيئن وسريا، وعده هيل ورڻ جا

***

## ڏِپ

مان نڪتس
۽ باغيچي جي در تي بيهي
هڪ وينگس ڪي سڏي ڇيم!
سُندر چنچل
معصوم ڇوڪرِ!
ڪاڏي وڃين ٿي؟
ترس تہ مان ٻيي توسان گڏجان
تنهنجو سڏجان
اڙي هي ڇا ساڻ ڪنيو ٿي ڇني پَلوَ ۾
واهہ! ستارا!
ٿورا ڏي تہ مان ٻيي ڪيڏان، توسان گڏجي
هن ڇيو او ڇريا اينٽرا!
منهنجو پريتم، سهٽو سندر
باغ ۾ منهنجي لاءِ وينو آ
هي تہ ستارا ان لئہ آهن
مان ٻيي ساري ان جي آهيان.
پوءِ مان بينس نديءَ ڪناري
ڏيئن واري نينگري آئي
ڏسندي ان ڪي ڇيم سانوري!

مونکي پيءُ هڪ ڏينهن ڏي ته
مان پيءُ تنهنجي آس ۾ ٻاريان
هن چيو نه ، وڃ چريا تون!
منهنجي آس ۾ منهنجو ساجن
ڏيئا آ هر روز ٻاريندو
هي سڀ ڏيئا ان لئہ آهن.
مان اُت سوچن ۾ ئي هئس ته
هڪڙي ڪامڻي ڪاري ڪوجهي
پيءُمان گذري
مون چيو ان کي ٻيهه ته سانئڻ!
مان پيءُ توسان گڏ هلان ٿو
چار جو هڪڙو پَلوُ ڏي منڙي!
مان پيءُ توسان مچيون ماريان
هن چيو ته هلي نه سگهندين
منهنجي سنگ تون رهي نه سگهندين
مون وٺ رڳو ڪکي ڏپ آ
ڏپ انهي کان تيجي پوندين
هاڻي موٽي گهر آيو هان
پنهنجي هن اياڳ تي سوچي
پنهنجي وجود جي ڏپ ۾ ڏپجي
جهڙوڪر تپجي پيو آهيان
بستر داخل ٿي ويو آهيان.

***

## نامرد

کيترا غليظ ذهن
حوس جي بک ۾ اڇي
عورتن جو ماس چڪي
وسڪي جا گلاس لُبي
ٽشو پيپر وانگي پوءِ
پيار جون دعوائون سڀ
ڊسٽبن حوالي ڪن
مردانگي ان کي چون.
مان مجيان ٿو اي مٺي!
منهنجي مقدس آ پريت
مان تنهنجو پوڄاري هان
مان وسڪي نٿو لُبيان
معصوم ڪنهن بہ نينگريءَ جو
ماس مان نٿو چڪيان
پوءِ يلي پيو ڪو چوي
مون کي "مان نامرد آهيان."

***

# شاعري دوڪان

مان سوچيان ٿو!
شاعريءَ جو دوڪان کوليان
وائي هڪڙي 20 روپين ۾
غزل 30 روپين ۾ ويندو
نظم ، گيت وٺڻ جي خاطر
سونهن سُندرتا واريون ديويون
گراهڪ ٿينديون
مُرڪُن جا ڪي تحفا ڏينديون
منهنجي کيسي پئسو ايندو
ءِ ها شاعريءَ مانُ بہ ملندو!
پورهيو سارو سڦل ٿيندو
هونئن تہ جهڙو رنڊا روڙي
مري وجبو!
ڪنهن نہ ڪم جي شاعري ٿيندي.!!
سجي حياتي اجائي ويندي!
سجي حياتي اجائي ويندي!

***

# وصيت

مان جڏهن مري وڃان
قرب هي مونسان ڪجو
غسل نہ مونکي ڏجو
جنازو نہ پڙهائجو
لحد نہ دفنائجو
منهنجي سرد جسم کي
چيرجو ۽ ڦاڙجو
منهنجون هي ٻئي ٻُڪيون
منهنجي دل – منهنجون اکيون
ڪنهنجي تہ ڪم آڻجو
۽ جسم باقي سڄو
ٻڪيُن هِليُن –ڪُتن ڏجو
ڪاڄ تن ٻڌائجو
پيٽ تن ڀرائجو.

❊❊❊

## موهڻي

معصوم مُک تي مُرڪ ڪيڏي آ موهڻي
نيڻن گهرائي سمنڊ جيڏي آ موهڻي
تون آهين حُور جنت ، دنيا سندي پري
سونهن تُنهنجي سچ پچ ايڏي آ موهڻي.

***

## مرڪي پيس

هن ڏنو پيار مان آئون مرڪي پيس
رخ هن جو متيو صفا سڏڪي پيس
هوءَ آئي ۽ مهمان جيان وئي هلي
دل جو خالي پو ڪمرو مان ڏسندو رهيس.

***

## قسمت

پنهنجي قسمت ڪي ئي ڦتائيندو
اسان ڪي چو پلا ڪو چاهيندو ؟
شڪل صورت ، نڪوئي آ دولت
مچ ۾ چو ڪو پاڻ اچلائيندو؟

***

# اکيون تُنهنجون سمنڊ

اڙي او سونهن جي ديوي!

نہ ڪا آ حُور تو جهڙي
پرِي پِي ڪانہ ڪا اهڙي
صفا تون منفرد آهين
تنهنجا چپڙا
تنهنجا ڳلڙا
انهن جي ڪو مثل ڪونهي
اکيون تُنهنجون سمنڊ آهن
۽ تِنِ جو جرُ آ دل تُنهنجي
جنهن ۾ پيار جو موتي
پيو آ اڻ ڇُهيو ڪاٿي
اهو موتي ملي مونکي

تہ دنيا جو امير آهيان ڪجي چا ڳالهڙي تنهنجي
تہ ڪيڏي تون حسين آهين
نہ آ چنڊ جي چانڊوڪي ۾
نہ آ ڪنهن گل جي رنگت
نہ ڪا آ حُور تو جهڙي
پري پي ڪانہ ڪا اهڙي
صفا تون منفرد آهين
تنهنجا چپڙا
تنهنجا ڳلڙا
انهن جي ڪو مثل ڪونهي
اکيون تُنهنجون سمنڊ آهن
۽ تن جو جرُ آ دل تُنهنجي
جنهن ۾ پيار جو موتي
پيو آ اڄ ڇُهيو ڪاٿي
اهو موتي ملي مونکي
تہ دنيا جو امير آهيان.

***

## منهنجي سپنن جو سنسار

منهنجي سپنن جو سنسار هر آرزو
منهنجي اٽين چپن جي دعا تون ئي آن
مان تو توکي چاهيان ها عبادت جيان
رحل منهنجي هٿن جي دعا تو ئي آن.

***

## پنجڪڙو

هوءَ نادان گوري، منهنجي محبت نہ سمجهي سگهي ٿي
مونکي بہ سمجهي پئي، جسمن سان کيڏڻ جو کيڏاڙي ڪوئي
۾ جڏهن ملي ٿي، تڏهن ڪري ٿي، هوءَ خون منهنجي سپنن جوئي
اُهي جيڪي سپنا، منهنجي ڪل آ دولت نہ سمجهي سگهي ٿي
هوءَ نادان گوري، منهنجي محبت نہ سمجهي سگهي ٿي.

***

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”**پڙهندڙ**“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڳُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران کَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي ڄڱَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪُرِ پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)